روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 08 اپريل 2023 ع بمطابق 17 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 315

سياسي ۽ عسڪري قيادت پاران دهشتگردن خلاف آپريشن جاري رکڻ تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو 41 هون اجلاس ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهيو

چيئرمين جوائنٽ چيفس سميت ٽنهي هٿياربند فوجن جا سربراهه اجلاس ۾ شريڪ ٿيا، جڏهن ته دفاع، ناڻي، گهرو ۽ پرڏيهي معاملن جا وفاقي وزير ۽ چارئي وڏا وزير به شريڪ ٿيا

اجلاس ۾ انٽيليجنس ادارن جي سربراهن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ملڪ جي معاشي ۽ سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

تحريڪ طالبان پاڪستان سان نرم دل ۽ بنا سوچ ويچار تي ٻڌل پاليسي عوامي اميدن ۽ خواهشن جي بلڪل خلاف آهي: قومي سلامتي ڪائونسل

پردي پٺيان حدفن جي آڙ ۾ رياستي ادارن ۽ ان جي قيادت جي خلاف بيروني اسپانسرڊ زهريلو پروپيگنڊا سوشل ميڊيا تي ڦهلائڻ جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪريون ٿا

اجلاس قوم ڪي جنادار امن ڏيڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين ۽ ڪاوشن جو اعتراف ڪيو فورم پاڪستان مان دهشتگردي جي انت تائين پنهنجون ڪارروايون جاري رکڻ جو عزم ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي سلامتي ڪائونسل پاڪستان مان دهشتگردي جي انت تائين پنهنجون ڪارروايون جاري رکڻ جو عزم ورجائيندي چيو آهي ته تحريڪ طالبان پاڪستان سان نرم دل ۽ بنا سوچ ويچار تي ٻڌل پاليسي عوامي اميدن ۽ خواهشن جي بلڪل خلاف آهي جنهن جي نتيجي ۾ دهشتگردن کي ٻيهر رنڊڪ واپس اچڻ جي نه رڳو اجازت ڏني وئي پر تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ حڪومت 21 رمضان المبارڪ يوم علي جي موقعي تي صوبي جي تعليمي ادارن ۾ عام موڪل جو اعلان

ڪراچي (م ر) سنڌ حڪومت 21 رمضان المبارڪ يوم علي جي موقعي تي صوبي جي تعليمي ادارن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. يوم علي جي موقعي تي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي سنڌ جي تعليم کاتي يوم علي تي موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سپريم ڪورٽ پنهنجي ماضيءَ مان سبق نه سکيو آهي: جسٽس اطهر من الله جو تفصيلي نوٽ

سپريم ڪورٽ پنهنجي ماضيءَ مان سبق نه سکيو آهي، عدالت سياسي تڪرارن جي حل جو لاڳيتو مرڪز بڻيل آهي، پي ٽي آءِ جي درخواست تي ڪارروائي وقت کان اڳ هئي: نوٽ جو متن

اهڙا تڪرار عدليه ۾ آڻڻ کان پاسو ڪيو وڃي، اهڙا تڪرار عدالت ۾ آڻڻ سان عدالت هارائي وڃي ٿي، عدليه سميت سمورا ادارا پنهنجي انا هڪ پاسي رکي آئيني ذميواريون پوريون ڪن

پي ٽي آءِ جي درخواست تي ڪارروائي شروع ڪري سياسي ڌرين کي عدالت تي اعتراض ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي

پاڻمرادي نوٽيس جي ڪارروائي شروع ڪرڻ سان سائلن جا حق متاثر ٿيا، فل ڪورٽ جوڙڻ سان اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي ها، عوام جي اعتماد کي قائم رکڻ لاءِ فل ڪورٽ جوڙي وڃي ها

جسٽس منصور شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل جي راءِ سان اتفاق ڪيان ٿو، پاڻمرادي نوٽيس وارو فيصلو 4 ججز جو هو، مون پاڻ کي بينچ کان الڳ نه ڪيو هو

تحريڪ انصاف سياسي حڪمت عملي تحت استعيفائون ڏنيون، سياسي حڪمت عملي تحت صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ تي به سوال اٿن ٿا

اسلام آباد (م ر) جسٽس اطهر من الله پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن بابت پاڻمرادي نوٽيس تي پنهنجو تفصيلي نوٽ جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هن لکيو آهي ته سپريم ڪورٽ پنهنجي ماضيءَ مان سبق نه سکيو آهي، عدالت سياسي تڪرارن جي حل جو لاڳيتو مرڪز بڻيل آهي، پي ٽي آءِ جي درخواست تي ڪارروائي وقت کان اڳ هئي 25 صفحن تي ٻڌل نوٽ ۾ جسٽس اطهر من الله چيو ته اهڙا تڪرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي وزير احسن اقبال ملاقات ڪري رهيو آهي

چيف جسٽس کي فوري استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي: مريم نواز

اختيارن جي غلط استعمال سپريم ڪورٽ ۾ بغاوت جهڙي صورتحال کي جنم ڏنو آهي

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال عمران خان جي حمايت ڪندي قانون ۽ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي

اختيارن جي غلط استعمال سبب سپريم ڪورٽ ۾ بغاوت جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

اڄ تائين ڪنهن به چيف جسٽس تي اهڙي بدانتظامي جو الزام ناهي لڳايو

لاهور (م ر) مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيف جسٽس آف پاڪستان جي استعيفيٰ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته اختيارن جي غلط استعمال سپريم ڪورٽ ۾ بغاوت جهڙي صورتحال کي جنم ڏنو آهي، پنهنجي ٽوئيٽ ۾ مريم نواز جو وڌيڪ چوڻ هو ته چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال عمران خان جي حمايت ڪندي قانون ۽ آئين جي ڀڃڪڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پنجاب اليڪشن: حڪمران اتحاد اميدوارن جا ڪاغذ واپس وٺڻ جو فيصلو نه ڪيو: مريم اورنگزيب

حڪمران اتحادي پارٽين جي قيادت اهڙو ڪو به فيصلو ناهي ڪيو

اتحادي حڪومت ۾ شامل پارٽيون سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي وقت چونڊون چاهين ٿيون

ميڊيا اهڙيون خبرون شايع ڪرڻ کان اڳ پارٽي جي ترجمانن کان تصديق ڪري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پنجاب اسيمبلي جي چونڊن لاءِ حڪمران پارٽين جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ بابت افواهن جي ترديد ڪري ڇڏي. هڪ بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته حڪمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

مقتول پروفيسر اجمل جا قتل ٿيڻ کان اڳ جا لفظ: پئسا نه کپن، پنهنجن ماڻهن کي مفت پڙهائڻ چاهيان ٿو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) قبيلائي تڪرار جي ور چڙهي بيدردي سان قتل ٿيل آءِ بي اي سکر جي پروفيسر اجمل جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل قرار ڏنو پيو وڃي سول سوسائٽي پروفيسر اجمل جي قتل تي گهڻي ڏک جو اظهار ڪندي قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جي گهر ڪئي آهي پروفيسر اجمل ساوند جي موت کان ڪجهه عرصو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اوباوڙو: سنڌ مان روزانو لکين مڻ ڪڻڪ پنجاب منتقل ٿيڻ جو انڪشاف

جعلي ٽپن واري پرمٽ ذريعي روزانو لکين مڻ سنڌ جي ڪڻڪ پنجاب جا ذخيرا اندوز پنجاب طرف منتقل

خوراڪ کاتي سنڌ جا اهلڪار هزارين روپيا رشوت عيوض اهو ڪم ڪرائي رهيا آهن: ذريعا

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙو ڪڻڪ جي بين الصوبائي چيڪ پوسٽ تي پابندي هجڻ باوجود اوباوڙو سنڌ جي روزانو لکين مڻ ڪڻڪ پنجاب منتقل ٿيڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07 ... ويجهو مريد شاخ سنڌ پنجاب بارڊر ڏاٿووالا وٽان

مولانا سليم ڪتري جي قتل ۾ ملوث 2 ٽارگيٽ ڪلر گرفتار

حساس اداري شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪري 2 ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪيو

جوابدارن کي سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان سڃاڻپ ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) حساس اداري اهلسنت والجماعت جي اڳواڻ مولانا سليم ڪتري جي قتل ۾ ملوث 2 ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پابندي مڙهيل تنظيم جو باني ۽ گهربل دهشتگرد گلزار امام گرفتار

گلزار امام بندش پيل تنظيم بلوچستان نيشنل آرمي جو باني ۽ اڳواڻ آهي: آءِ ايس پي آر

ويڙهاڪ تنظيم بي اين اي بلوچ ريپبليڪن آرمي ۽ يونائيٽڊ بلوچ آرمي جي انضمام سان وجود ۾ آئي هئي

دهشتگرد تنظيم بي اين اي پنجگور ۽ نوشڪي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملن ۾ ملوث آهي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ ڪارروائي دوران بندش پيل تنظيم جي باني ۽ انتهائي گهربل دهشتگرد گلزار امام کي گرفتار ڪري ورتو آهي آءِ ايس پي آر موجب گلزار امام بندش پيل تنظيم بلوچستان نيشنل آرمي جو باني ۽ اڳواڻ آهي، ويڙهاڪ تنظيم بي اين اي بلوچ ريپبليڪن آرمي ۽ يونائيٽڊ بلوچ آرمي جي انضمام سان وجود ۾ آئي هئي آءِ ايس پي آر موجب دهشتگرد تنظيم بي اين اي پنجگور ۽ نوشڪي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملن ۾ ملوث آهي، آءِ ايس پي آر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: سنڌ سماءِ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي ميزباني ۾ پيپلز پارٽي ڊجيٽل ورڪرز جي پهرين تقريب منعقد

پي پي پي ڊجيٽل جي افطار پارٽي ۾ سڄي ملڪ مان پي پي پي ڊيجيٽل جي سوين ڪارڪنن شرڪت

تقريب ۾ صوبائي وزيرن سعيد غني، شهلا رضا، بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، قاسم نويد قمر جي شرڪت

پ پ ڊيجيٽل جا ڪارڪن پنهنجي موقف جي اظهار وقت مخالف جي جنس ۽ عمر جو به خيال رکندا: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي ڊجيٽل ميڊيا جو سربراهه پڻ آهي، اڄ ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ پ پ جي ڊجيٽل ميڊيا جي ڪارڪنن کي افطار جي دعوت ڏني، ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سينيٽر مشاهد حسين حڪومت کي تحريڪ انصاف سان ڳالهيون ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو

مودي کي ڳالهين لاءِ چيو ويندو آهي ۽ طالبان سان ڳالهين لاءِ تيار آهي ته پوءِ پي ٽي آءِ سان ڇو نه؟: مشاهد حسين

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ کي غير ضروري ويڙهه کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جنگ ادارن سان نه ٿي ڪٽي سگهجي

چين مان واپس آيو آهيان، چين چوي ٿو ته هو اهڙين حالتن ۾ به پاڪستان سان گڏ بيٺا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن جي سينيٽر مشاهد حسين حڪومت کي صلاح ڏني ته تحريڪ انصاف سان ڳالهيون ڪري آئين موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


مسلم ليگ ن جو سينيٽر مشاهد حسين

اجمل ساوند قتل، هي ظالماڻو نظام ڪڏهن ختم ٿيندو؟: حليم شيخ

ڊاڪٽر اجمل ساوند جنهن آرٽيفيشل انٽيليجنس ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي هئي ڪيس قتل ڪيو ويو آهي

ڊاڪٽر اجمل ساوند فرانس ۾ يورو ۾ ڪمائي رهيو هو ڪيس سنڌ جي عوام جو درد هو

ڪراچي (رپورٽر) مخالف ڌر جي اڳواڻ حليم عادل شيخ ڊاڪٽر اجمل ساوند جي بي رحم قتل تي پنهنجي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ چيو آهي ته اڄ مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ضروري شين جي ورهاست جو اشتهار روڪڻ جو حڪم

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اٽي جي ورڇ دوران فوٽگين خلاف درخواست داخل ڪئي وئي

ڪورٽ ضروري شين جي ورهاست جي ميڊيا تي اشتهار روڪڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ر ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اٽي جي ورڇ دوران فوٽگين ۽ ورهائڻ جي طريقي خلاف درخواست داخل ڪئي وئي، لاهور هاءِ ڪورٽ ضروري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: پاڪ سعودي اختيارين وچ ۾ انرجي بابت معاهدو ڪيو پيو وڃي

اسحاق ڊار ملڪ جي سياسي صورتحال سبب آمريڪا جو دورو ملتوي ڪري ڇڏيو

اسحاق ڊار کي 10 اپريل کان ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪرڻي هئي

ناڻي واري وزير کي آمريڪي دوري دوران متحده عرب امارات جي اختيارين سان به ملاقاتون ڪرڻيون هيون

وفد ۾ ناڻي ۽ اقتصادي معاملن وارا سيڪريٽريز شامل هوندا، گورنر اسٽيٽ بينڪ به آمريڪا جو دورو ڪندو

اسلام آباد (م ر) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار ملڪ جي سياسي صورتحال سبب آمريڪا جو دورو ملتوي ڪري ڇڏيو، اسحاق ڊار کي 10 اپريل کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار

عدالت پوليس ۽ ايف آءِ اي کي مراد سعيد جي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مراد سعيد جي ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ بابت ٻڌڻي ٿي

اينديڙ ٻڌڻي تائين مراد سعيد خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وڃي: عدالتي حڪم

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پوليس ۽ ايف آءِ اي کي پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻ مراد سعيد جي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صحت جون سهولتون عوام جي دلين تائين پهچائڻ پيپلز پارٽي جو منشور آهي: بلاول ڀٽو زرداري

سنڌ حڪومت پاران عالمي معيار جي صحت جي ادارن جو قيام ٻين حڪومتن لاءِ روشن مثال آهي

ملڪ ۾ پهريون ڀيرو سپ کان وڏيڪ اسپتالون ۽ صحت مرڪز شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ قائم ٿيا

شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاران ليڊي هيلٿ رضاڪارن جو قدم انقلابي پيش رفت آهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو صحت جي عالمي ڏينهن تي پيغام ۾ چيو آهي ته صحت جون سهولتون عوام جي دلين تائين پهچائڻ پيپلز پارٽي جو منشور آهي سنڌ حڪومت پاران عالمي معيار جي صحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صحت وارو وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نصيرآباد جي جوڙي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، ناري جو شهرو گرفتار، احتجاج

دولتپور صفن (رپورٽر) نصير آباد واسڻ ناري مسڪان چنا دولتپور صفن جي علائقي شاهپورجهانيان واسي پنهنجي سڱوٽ شهباز علي چنا سان هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پيار جي پرڻي ڪانپوءِ 8 مهينا گذرڻ بعد جوڙي پاران تحفظ لاءِ ڪير ويڊيا اڳيان ناري داتهيندي چيو ته اسان ڪافي وقت کان هڪ ٻئي کي پسند ڪندا هئاسين، مائٽن اسان جي شادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو شروع

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 284 رپيا 42 پئسا تي بند ٿيو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ مثبت رجحان ڏٺو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪالهه کان آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، انٽر بئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 17 پئسا سستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سکر ۾ پروفيسر ساوند جا قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ ايڪتا جو احتجاج

پروفيسر محمد ابراهيم مهر جي اڳواڻي ۾ استادن ۽ عهديدارن احتجاج ڪيو

استاد هڪ معاشري جو اهم حصو هوندو آهي پروفيسر ساوند جهڙا استاد صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) ايليمينٽري ڪاليج ٽيچر ايسوسيئيشن (ايڪتا) يونٽ سکر جي طرفان گورنمينٽ ايليمينٽري مين ڪاليج سکر ايڪتا يونٽ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر محمد ابراهيم مهر جي اڳواڻي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اجمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سکر: پروفيسر ساوند جا قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ ايڪتا پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ ڏاڙيلن هٿان اغوا ٿي ويل ٻن مغوين جي بازيابي لاءِ وارثن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

شاهده، پيڻ ناديه، ماسي ناهيد ۽ اغوا ٿي ويل نوجوان سعيد پٽي جو ڀيءُ ذوالفقار علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان جا نوجوان گذريل مهيني 10 مارچ تي هر ڪجي فون تي اغوا ٿي ويا هئا، جنهن واقعي جو اطلاع حد جي وليد ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ويو: وارث

12 مارچ تي ڏاڙيلن فون ڪري ٻڌايو ته اوهان جا ٻئي ڇوڪرا فرمان ميراڻي ۽ سعيد پٽي اسان وٽ ڪنڌڪوٽ واري ڪچي ۾ آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي واسين کي فيسبڪ جي دوستي ڳچي ۾ پئجي وئي، جڏهن ته دوستن جي دعوت تي ويل لاڙڪاڻي جي وليد ٻاڙي جي رهواسين کي ڏاڙيل اغوا ڪري ورتو آهي ۽ مغوين مٿان تشدد ڪرڻ جي وڊيو به ڏاڙيلن وائرل ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ فوت ٿيل قيدي جي شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري، جسم جي مختلف حصن تي وحشياڻي تشدد جو انڪشاف

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ فوت ٿيل قيدي جي شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري، جسم جي مختلف حصن تي وحشياڻي تشدد سميت ڪن جو پردو ۽ پيٽ اندر رت جي رڳ ڦاٽي پوڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ ڪسٽڊي ٿيل قيدي چنيسر ڪوسي جي مارجي وڃڻ کانپوءِ سول اسپتال ميرپورخاص ۾ قيدي جي ڪيل پوسٽ مارٽم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاڙڪاڻي: ڏاڙيلن هٿان اغوا ٿي ويل ٻن مغوين جي بازيابي لاءِ وارث پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جو ستون بورڊ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ ڪورنگي ڪرسچن ڪالوني ۾ 11 ايڪڙ ايراضي تي هڪ منزل ڊيپو تعمير ڪرڻ جي سفارش

بس ڊيپو ۾ هڪ ئي وقت ۾ 340 بسن جي بيهارڻ جي گنجائش سان گڏ شمسي بجلي فراهم ڪرڻ جي سهولت به موجود هوندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بورڊ جو ستون اجلاس سنڌ آرڪائيوز ڪمپليڪس ڪلفٽن ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ڪراچي موبيلٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

66 سيڪٽرو ڪاروبار برداري خراب حالتن کي منهن ڏئي پئي: گيلپ سروي

سياسي عدم استحڪام معاشي بحران ۽ ڪاروباري بي اعتمادي کي وڌائي ڇڏيو آهي

پاڪستان ۾ تاريخي مهانگائي سبب صارفين جي قوت خريد ۾ گهٽتائي آئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) معاشي بحران سبب واپارين جو اعتماد تيزي سان هيٺ وڃي رهيو آهي، مهانگائي ۽ رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي واپاري برادري کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. گيلپ سروي موجب سياسي عدم استحڪام معاشي بحران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ايس ٽي پي پاران پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي بي رحمانه قتل تي سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان

پروفيسر اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي، جنهن سبب سڄي سنڌ سوڳ ۾ ورتل آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

قبيلائي تڪرار سنڌ جي لاءِ ناسور بڻجي چڪا آهن، انهن کي روڪڻ جي سخت ضرورت آهي: ايس ٽي پي سربراهه

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پاران پروفيسر اجمل ساوند جي قتل جي مذمت ۽ آڇر تي سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪيو آهي، ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دادو تعليم کاتي ۾ ڀرتي ڪيل 12 استادن جا آرڊر بوگس هجڻ جو انڪشاف، جاچ شروع

12 ئي ڄڻا ٽريننگ لاءِ ايليمينٽري ڪاليج پهتا ته سندن اسڪروٽنگ واري لسٽ ۾ نالا ئي شامل نه هئا

جي ايس فيز ون جي اسڪروٽنگ لسٽ فائينل ٿيڻ بعد مان ڊي او ايليمينٽري ٿيو هئس: غلام سرور ڀير

ڊي او سيڪنڊري بوگس آرڊرن وارن کي اسڪروٽنگ لسٽ صحيح ڪري ڏيڻ لاءِ منهنجي گهر موڪليو آهي

دادو (رپورٽر) دادو جي تعليم کاتي ۾ آءِ بي ٽيسٽ ذريعي فيز ون ۾ ڀرتي ڪيل جي ايس ٽي استادن جي آڊرن ۾ 12 بوگس آرڊر ٿيڻ جاري ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

علي امين جو جوڊيشل ريمانڊ تي جيل حوالي، اسلام آباد ۾ ڪيس داخل

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور خلاف اشتعال انگيز تقرير ڪرڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس علي امين گنڊاپور کي ٻن مختلف ڪيسن ۾ جوڊيشل ڪامپليڪس جي عدالت ۾ پيش ڪيو

ڊي آءِ خان (م ر) جوڊيشل مئجسٽريٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڏهيجي ۾ بدفعلي بعد قتل ٿيل نينگر ڪيس ۾ مک جوابدار گرفتار

ڏهيجي (رپورٽر) 3 مهينا اڳ بدفعلي بعد قتل ٿيندڙ معصوم نينگر جي لاش کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش جي الزام هيٺ آيل مک جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو ڏس ۾ 4 جنوري تي معصوم نينگر حسيب راجپوت کي بدفعلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ لينڊ ريزرويشن ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ لينڊ ريزرويشن ڪميٽي جو اجلاس ٿي گذريو

حيدرآباد سکر ايم-6 موٽروي ۽ ٿرپارڪر ۾ ڪيمبرج اسڪول سميت ٻين منصوبن لاءِ زمين الاٽ ڪرڻ جي منظوري

اجلاس ۾ اقليتي معاملن واري کاتي جي لاءِ چوريو مندر ننگرپارڪر رسان لاءِ 12 ايڪڙ زمين مختص ڪئي وئي

اجلاس ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو بقاءُالله انڙ، سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊ مريد احمد رحيم پيا شريڪ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ لينڊ ريزرويشن ڪميٽي جو اهم اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور هاءِ ڪورٽ عيد تائين دڪان صبح هڪ وڳي تائين کولڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ عيد تائين دڪان صبح 1 وڳي تائين کولڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، سموگ ريميڊيڪچر ڪيس ۾ عدالت وڻ ڪٽڻ وارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ ۽ رنگ روڊ اٿارٽي کي ٻوٽن جو پلان جمع ڪرائڻ جو به حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

يروشلم ۾ پرتشدد منظرن تي ڳڻتي آهي: آمريڪا

آمريڪي انتظاميا اسرائيل ۽ فلسطيني اختيارين سان رابطي ۾ آهي

اسرائيلي ۽ آمريڪي اختيارين وچ ۾ مسجد الاقصيٰ تي حملي تي ڪا خاص ڳالهه ٻولهه نه ٿي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا والاريل بيت المقدس ۾ اسرائيلي ڪارروائي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڪيس يروشلم ۾ پرتشدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

دادو ۾ صحت جي عالمي ڏينهن موقعي تي سول اسپتال کان ريلي، ساڃاهه وندن جي شرڪت

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شاهد علي شيخ سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي پاران اڳواڻي

شعبن جي ميل في ميل ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو

اسان کي گهرجي ته موقعن تي صحت جون سهولتون مهيا ڪرائڻ لاءِ عالمي اداري کي آگاهه ڪيون: اڳواڻ

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ صحت جي عالمي ڏينهن موقعي تي سول اسپتال ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شاهد علي شيخ سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي، ڊاڪٽر اشفاق ميمڻ ڊاڪٽر جاويد سومرو ڊاڪٽر عتيق جانوري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: صحت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

ايس ٽي پي ڪوسڪي طرفان پوليس
خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري 6
ڪلاڪ علامتي بک هڙتال

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ٽي پي ڪوسڪي جي طرفان آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي شهر ٽنڊو پرسان ڪالا ائين ڏينهن ۾ ڪوسڪي پوليس جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري 6 ڪلاڪ علامتي بک هڙتال ڪئي ويئي هن موقعي تي تعلقي ٽنڊوباگو جي نائب صدر ميان خان ڪوسو جنرل سيڪريٽري ايوب ٻٽي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پيارو اسٽيشن ۾ سيتا سرڄٿهار فورم پاران روهڙي کان بند پيل ڪيل ٽرينن جي لاءِ احتجاج

ٽرين سروس هلائڻ جي لاءِ احتجاجي مظاهرو، احتجاج ۾ استادن' شاگردن پاران شرڪت ڪئي وئي

ريلوي جي تعصب پرست انتظاميا پنجاب ۾ وڪ وڪ تي عاليشان ٽرينون هلائي رهي آهي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ ۾ اڄ 76 هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي لائين تي گذريل 9 مهينن کان بند پيل مسافر ريل گاڏين بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڄٿهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو، احتجاجي مظاهري ۾ مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضيٰ سومرو، رضا / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ماتلي ۾ نالي واري فنڪارا عظمي شيخ تي تشدد خلاف سماجي تنظيم پاران احتجاج

عظمي شيخ سائي فنڪارن ۽ ماتلي اتحاد جي صدر رفيق ميمڻ سان گڏجي احتجاج ڪيو

عظمي شيخ تي مڙس پپو بروهي ۽ سندس ساٿي چاقو لوهي راڊن ۽ سرن سان وار ڪيا: اڳواڻ

هڪ لک ويهه هزار روپيه ۽ ٻڪري واپس ڏياري سندس خوني مڙس ۽ سندس ساٿي کي گرفتار ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي جي مقامي لوڪ فنڪارا عظمي شيخ مڙس تي وار ڪٽڻ ۽ تشدد جو الزام هڻندي انصاف لاءِ دانهيندي ماتلي جي مهراڻ ڪالوني جي رهواسڻ لوڪ فنڪارا عظمي شيخ جو چوڻ آهي ته ٽي سال اڳ هن ٽنڊو الهيار سان گڏ پريس ڪلب پهچي وييي . ماتلي جي پناڻ ڪالوني واسي رسول بخش عرف پپو بروهي سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن مان ڪيس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: مڙس هٿان زخمي ٿيل لوڪ فنڪاره عظمي شيخ

سجاول ويجهو برانچ موري
واسي جو امام بارگاه ٻاهران
موٽر سائيڪل چوري، احتجاج

سجاول (ڊر) سجاول ويجهو برانچ موري واسي جو امام بارگاه ٻاهران موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف احتجاج، سجاول لڳ برانچ موري جو رهواسي شيراز شيخ سندس موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف سجاول ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته شهر جي الحسيني امام بارگاه ٻاهران موٽرسائيڪل بيهاري جمع نماز پڙهڻ لاءِ ويس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو ۾ سماجي تنظيم ٽرڊيپ ڊيوليپمينٽ پروگرام ٻوڏ ايمرجنسي رليف آپريشن ۾ ناڪام

متاثرن لاءِ ڪروڙين روپين جو سياري ۾ استعمال لاءِ مليل سامان تقسيم نه ٿي سگهيو آهي

ٽرڊيپ عملي پاران ٻوڏ متاثرن لاءِ مليل لکين روپين جو سامان وڪرو ٿيڻ جو پڻ انڪشاف

اسٽاف سان ملي ڀڳت ڪري، سوڙيون، ڪمبل، رضايون وڪرو ڪرڻ جو پڻ پلان تيار ڪري ورتو

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ سماجي تنظيم ٽرڊيپ ڊوليپمينٽ پروگرام ٻوڏ ايمرجنسي رليف آپريشن ۾ ناڪام سماجي تنظيم ٽرڊيپ کي ڏوهن طرفان مليل ٻوڏ متاثرن لاءِ ڪروڙين روپين جو سياري ۾ استعمال لاءِ مليل سامان تقسيم نه ٿي سگهيو پاڪستان پاورٽي ايليواشن فنڊ (PPAF) ۽ سي. آءِ. ٽي آءِ فائونڊيشن جي ڊونرن پاران ٽرڊيپ کي ڪروڙين روپين جو سامان ٻوڏ متاثرن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو پوليس 5 مهينن جي ڪارگردگي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، 34 مقابلا ڪيا ويا: رپورٽ

5 مهينن دوران پوليس پاران 34 مقابلا جنهن ۾ 8 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

دادو پوليس پاران ڏوهارين، منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون آهن: ايس ايس پي عبدالخالق

منشيات فروش ۽ جوارين جي قبضي مان 39 ڪلو چرس 34 ڪلو ڀنگ 103 شراب جو بوتلون هٿ ڪيون ويون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پوليس 5 مهينن جي ڪارگردگي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي 5 مهينن دوران پوليس پاران 34 مقابلا جنهن ۾ 8 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي دادو عبدالخالق پيرزادو موجب جڏهن کان / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ايس ايس پي عبدالخالق پيرزادو 5 مهينن جي ڪارگردگي رپورٽ ٻڌائي رهيو آهي

چٽو چند لڳ ڳوٺ حاجي پالاري ۾ ٻه ڏينهن اڳ لڳل
باهه متاثرن جي سهائتا، ريڊ ڪريسنٽ چيئرمن حاجي
محمد حنيف ميمڻ پاران امدادي سامان ورهايو ويو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) چٽو چند لڳ ڳوٺ حاجي پالاري ۾ ٻه ڏينهن اڳ لڳل باهه جي متاثرن ۾ ٺٽي جي سماجي شخصيت ۽ ريڊ ڪريسنٽ ٺٽي جي چيئرمن حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران امدادي سامان ورهايو ويو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن چٽو چند لڳ ڳوٺ حاجي پالاري ۾ اوچت باهه لڳڻ سبب ٻه گهر ۽ انهن ۾ رکيل / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڳوٺ وڪڙيو مان لڏي آيل خاندان انتظاميا کي واپس ڳوٺ وڃڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو

چونڊيل نمائندن سار نه لڌي، خاندان معصوم ٻارڙن سميت سخت گرمي ۾ کُلي آسمان هيٺ ويٺل

وڏي وزير جي انساني حقن واري خاص صلاحڪار سريندر ولاسائي پاران واقعي متعلق ڊي سي سان رابطو

قانوني طور توهان جي جائز مدد ڪنداسين، توهان کي پوليس جي سيڪيورٽي ۾ ڳوٺ موڪليون ٿا: انتظاميا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: صادق بجير) ڳوٺ وڪڙيو مان لڏي آيل خاندان انتظاميا کي واپس ڳوٺ وڃڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. ضلعي انتظاميه سميت چونڊيل نمائندن سار نه لڌي، خاندان معصوم ٻارڙن سميت سخت گرمي ۾ کُلي آسمان هيٺ ويٺل. خبر موجب اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ وڪڙيو مان ٻاٿرن جي ظلم سبب لڏي آيل ميگهواڙ برادري جي خاندان جي ضلعي انتظاميه سميت/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڌڪوٽ شهر جي غريب آباد محلي جي رهواسڻ ناري نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

ارڙهن ورهين جي نوجوان ناري جماعتي بروهي غوثپور جي نوجوان شاهنواز بروهي سان شادي ڪئي

گهران نڪري پنهنجي مگيندي سان ڪنڌڪوٽ جي سيشن ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو: ناري

مون کي تحفظ ڏنو وڃي جيئڻ مان پنهنجي زندگي خوشي سان گذاري سگهان: جماعتي بروهي جون ڳالهيون

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ڪنڌڪوٽ شهر جي غريب آباد محلي جي رهواسڻ ارڙهن ورهين جي نوجوان ناري جماعتي بروهي غوثپور جي نوجوان شاهنواز بروهي سان سيشن ڪورٽ ڪنڌڪوٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو ناري پاران والدين جي ڌمڪين بعد تحفظ جي اپيل ڪنڌڪوٽ واسڻ نوجوان ناري مسمات جماعتي بروهي سنڌ ٽي وي نيوز آڏو دانهيندي چيو ته پنهنجي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

غوثپور: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

شڪارپور ضلعي ۾ امن قائم نه
ٿي سگهيو، امن ايڪشن
ڪميٽي جي سڏ تي احتجاج

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ضلعي ۾ امن قائم نه ٿي سگهيو آهي، جنهن خلاف شڪارپور امن ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي ميراڻي باغ کان ايس ايس پي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي انيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو، احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻي ۾ شڪارپور امن ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ آغا قمر الدين مشواڻي،/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

محرابپور گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ڪرپشن جو ڳڙهه ٻڻجي ويو، احتجاجي مظاهرو

پروفيسر محمد صفر سهتو، پروفيسر ضمير علي چانڊيو، پروفيسر انور علي راڄپر احتجاج ڪيو

عملدارن پاران پرنسپال حيات سومرو ۽ راشدي سپرنٽينڊنٽ ارباب سومرو خلاف سخت نعريبازي ڪئي

ڊپارٽمينٽل ايڪشن ورتو وڃي ۽ شاگردن جي حاضري 100 سيڪڙو يقيني بڻائي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) محرابپور گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ڪرپشن جو ڳڙهه ٻڻجي ويو آهي، ڪيترن ئي سالن کان سالانو 15 لک روپيا فنڊ ملن ٿا. پروفيسر محمد صفر سهتو، پروفيسر ضمير علي چانڊيو، پروفيسر انور علي راڄپر، پروفيسر عاشق علي راڄپر، پروفيسر علي سجاد ملاح، پلي ڪارڊ کڻي پرنسپال حيات سومرو ۽ راشدي سپرنٽينڊنٽ ارباب سومرو / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو باگو جي پنجن يونين ڪائونسلن ڏيئي ڏاڏاهه سانگي قراهو ۾ ايڊمنسٽريٽر مقرر نه ٿيو

مختيارڪار ٽنڊو باگو پنجن يوسين جي عوام کان لاتعلق بڻيل، فنڊ هڙپ ٿيڻ لڳا آهن: شهري

يوسي جي بجيٽ جي خرچن جي جاچ ڪري يوسي جي عوام کي ترقياتي ڪم ڏياريا وڃن: ڳالهيون

ٽنڊو باگو (رپورٽ:_ رفاقت جروار) تعلقي ٽنڊو باگو جي پنجن يونين ڪائونسلن ڏيئي ڏاڏاهه سانگي قراهو ڪيرول بهادر چانڊيو تي خصوصي طور الڳ سان ايڊمنسٽريٽر مقرر هئڻ سبب مختيارڪار ٽنڊو باگو پنجن يوسين جي عوام کان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو شهر ۾ شاهاڻي سروس اسٽيشن وٽ ايس سيڪشن ٿاڻي وٽان نوجوان کان ڦرون

ڦورن هڪ موٽر سائيڪل سوار نوجوان کان هٿيارن جي زور تي ڦرجي ڪوشش ڪئي

نوجوان پاران مزاحمت تي ٻُٽ بردار ڦورن نوجوان کي گولي هڻي ڇڏي، ڪيس داخل نه ٿيو

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر ۾ شاهاڻي سروس اسٽيشن وٽ ايس سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ انجاتل ڦورن هڪ موٽر سائيڪل سوار نوجوان کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان پاران مزاحمت تي ٻُٽ بردار/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو: ڦورن سان مزاحمت ڪندي زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

بدين ۾ مڪاني چونڊن جي رهيل 8 سيٽن مان 6 تي پ پ بنامقابلي ڪامياب

رهجي ويل 8 سيٽن تي 18 اپريل تي ٿيندڙ چونڊن جون تياريون مڪمل ڪيون ويون

پيپلز پارٽي جي بيٺل اميدوارن مان 6 سيٽن تي بيٺل اميدوارن کي بنان مقابلي ڪامياب قرار

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلع ۾ مقامي چونڊن جي رهيل 8 سيٽن مان 6 تي پي پي اميدوار بنامقابلي ڪامياب ٽنڊو باگو ٽائون جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سجاول ۾ هيڊ ماسٽر کي نشي خور موالين حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

افسوس ناڪ واقعي خلاف سجاول ۾ ضلع گستا، هاءِ اسڪول جي استادن احتجاج ڪيو

تعليمي ادارا بند ڪري شهر جي پٺاڻ ناڪي تي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سجاول (رپورٽ: ممتاز علي ٿهيم) سجاول ۾ هيڊ ماسٽر کي نشي خور موالين حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو، مختلف تنظيمن پاران احتجاج. تفصيلن موجب گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول جي هيڊ ماسٽر اعظم نثار عمراڻي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

وارهه ۾ اجمل ساوند جي قتل خلاف شهر جي شعور وند ڌرين جو احتجاجي مظاهرو

قبيلائي نظام سنڌ جي لکيل پڙهيل نوجوان کي کائي رهيو آهي: نجيب چانڊيو

رواج جو ڪاج وقت بوقت لکيا پڙهيا ۽ شعور وارا ٿي رهيا آهن، ڪوئي داد ئي نٿو ٿئي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه اجمل ساوند جي قتل خلاف شهر جي شعور وند ڌرين جو احتجاج، قبيلائي نظام سنڌ جي لکيل پڙهيل نوجوان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

وارهه: اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف سياڻا ڌريون احتجاج ڪري رهيون آهن

ٺٽون ڪوٽ لڳ ڳوٺ سونارا اوطاق پرسان 9 ورهين جي مومل ڪُنڍي ۾ ٻڏي فوت

مومل ڏي نارائڻ ڪولهي راند ڪرڻ دوران پير ترڪڻ سبب پاڻي جي ڪُنڍ ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو هوڏانهن فوتي نينگري جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ لڳ ڳوٺ سونارا اوطاق پرسان 9 ورهن جي مومل ڏي نارائڻ ڪولهي راند ڪرڻ دوران پير ترڪڻ سبب پاڻي جي ڪُنڍي ۾ ٻڏي وئي فوت ٿي وئي جنهن کي علائقي واسين پاڻي جي ڪُنڍي مان ٻاهر ڪڍي رورل/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي ۾ مختلف طريقن سان تنگ ڪرڻ تي خودڪشي ڪندڙ اهلڪار جي جاچ شروع

خودڪشي ڪندڙ پوليس ڪانسٽيبل نعمت الله شيخ جي تعزيت تي ڪو به نمائندو نه پهتو

پاڻ جي خودڪشي ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ملندي يا نه پر پراميد آهيون ته انصاف ملندو: وارث

ڪراچي (رپورٽر) بدلي لاءِ بار بار رشوت گهرڻ ۽ مختلف طريقن سان تنگ ڪرڻ تي خودڪشي ڪندڙ پوليس ڪانسٽيبل نعمت الله شيخ جي تعزيت تي ڪو به سنڌ حڪومت جو نمائندو ۽ پوليس آفيسر لڏي نه آيو آهي نه ئي متاثر خاندان سان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي: آپگهات ڪندڙ پوليس اهلڪار جو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اتفاق ڪالوني وارڊ 12 جي رهواسين محمد اسلم ۽ اطهر ڪٽي پاران احتجاجي مظاهرو

حنيف جمالي پنهنجي هٿيار بند ساٿين سان گڏجي اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪئي: مظاهرين

ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي جاچ ڪري اسان کي انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اتفاق ڪالوني وارڊ 12 جي رهواسين محمد اسلم ۽ اطهر ڪٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته پاڙي ۾ رهندڙ حنيف جمالي پنهنجي هٿيار بند ساٿين سان گڏجي سنڌن گهرن تي ڪاهه ڪري سنڌن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ناميارو عالم دين ۽ جماعت اهلسنت جو سرگرم اڳواڻ نصير احمد شاهه بخاري لاڏاڻو ڪري ويو

امير الحاج سيد نصير احمد شاهه بخاري سيتا روڊ ۾ جيري جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سيد نصير احمد شاهه بخاري جي لاڏاڻي تي جماعت ۽ علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جو ناميارو عالم دين ۽ جماعت اهلسنت جو سرگرم اڳواڻ تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو جو امير الحاج سيد نصير احمد شاهه بخاري سيتا روڊ ۾ جيري جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خانپور مهر ويجهو ڳوٺ سهانجڙو بوزدار واسي پورهيت ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ سهانجڙو بوزدار جو رهواسي جو طالب بوزدار پنهنجي امڙ مائي پناڻي سان گڏ احتجاج ڪيو

جوابدار مينهگلو بوزدار، انور بوزدار ۽ خالد بوزدار منهنجو رستو روڪي موکي تشدد جو نشانو بڻايو: ڳوٺاڻا

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر ويجهو ڳوٺ سهانجڙو بوزدار واسي پورهيت ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج، جوابدارن تي تشدد ۽ موٽرسائيڪل ڦرڻ جا الزام، خبر موجب، خانپور مهر لڳ ڳوٺ سهانجڙو بوزدار جو رهواسي جو / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خانپور مهر: ڳوٺ سهانجڙو واسي پورهيت ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ڏڙو ۽ ٻنون ۾ استادن ۽ شاگردن جو هيڊ ماسٽر اعظم عمراڻي تي حملي خلاف احتجاج

سوين شاگردن هاءِ اسڪول سجاول جي هيڊ ماسٽر اعظم عمراڻي مٿان حملي خلاف احتجاج ڪيو

اعظم عمراڻي مٿان حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويو نعريبازي

حملو ڪندڙ جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري استادن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۽ ٻنون ۾ استادن ۽ شاگردن جو هيڊ ماسٽر اعظم عمراڻي تي حملي خلاف احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو خبر موجب ڏڙو ۽ ٻنون ۾ استادن ۽ سوين شاگردن هاءِ اسڪول سجاول جي هيڊ ماسٽر/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڏڙو: استاد اعظم عمراڻي تي ٿيل حملي خلاف استاد احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران
اسرائيلي بربريت خلاف ڪشمير
چوڪ تي يوم احتجاج

مٺي (رپورٽر) جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران مسجد اقصيٰ ۾ اسرائيلي بربريت خلاف ڪشمير چوڪ تي يوم احتجاج. قبلہ اول تي گرنيڊ حملن، شيلنگ ۽ گرفتارين خلاف احتجاج، خبر موجب جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران قبلہ اول مسجد اقصيٰ ۾ بربريت، گرنيڊ حملن، اندڌاڌنڌ شيلنگ، حملن، سوين گرفتارين ۽ زخمي ٿيڻ خلاف ضلعي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سرحد ۾ ٽرانسفارمر ۽ تارون لاهيندي پڪڙيل چور رشوت وٺي آزاد ڪرڻ جو انڪشاف

اٿل مراداڻي مان ٽرانسفارمر ۽ تارون لاهيندي پڪڙيل چور بشير احمد کي پوليس ڇڏي ڏنو

ڳوٺاڻن پاران هڪ چور نالي بشير احمد ولد عبدالحق پٺاڻ کي پوليس حوالي ڪيو ويو هيو

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پوليس جو ڪارنامو، ٻه ڏينهن اڳ اٿل مراداڻي مان ٽرانسفارمر ۽ تارون لاهيندي پڪڙيل چور بشير احمد پٺاڻ کان سرحد پوليس مبينا رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو خبر موجب ٻه ڏينهن اڳ سرحد پرسان ڳوٺ اٿل مراداڻي ۾ اسڪارپ ٽيوب ويل تان نامعلوم چورن پاران ٽرانسفارمر ۽ تارون لاٿيون ته ڳوٺاڻن جي سجاڳي تي چورن پاران ڀڄڻ / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

قومپرست اڳواڻ شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي ستين ورسي ٺٽي ۾ ملهائي وئي

ورسي تقريب ۾ قومپرست اڳواڻن جي شرڪت، ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو

جيئي سنڌ تحريڪ پاران ڳوٺ صالح محمد ڪرناڻي ۾ ورسي جي تقريب منعقد ٿي

تُحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ منصوبابندي تحت قومپرست قيادت کي نشانو بڻايو ويو: اڳواڻ

ٺٽو (ڊر) جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي ستين ورسي ٺٽي شهر لڳ ڳوٺ صالح محمد ڪرناڻي ۾ سندس آخري آرامگاه تي منعقد ڪئي وئي. جتي پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران سندس مزار تي پهچي چادرون چاڙهي ڪيس پيٽا پيش ڪري جلسي عام منعقد ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ تحريڪ ڪرناڻي جي چيئرمين سورهيه / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو: شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي ورسي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ڪشمور ۾ جماعت اسلامي
طرفان اسرائيلي جارحيت
خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪشمور (رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ جماعت اسلامي طرفان پوري پاڪستان جيان ڪشمور ۾ به اسرائيلي جارحيت خلاف پريس ڪلب ڪشمور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي جماعت اسلامي ڪشمور جي اڳواڻن افضل عطا ڪلوڙ خالد سيف الله منظور احمد چاچڙ، ذوالفقار علي ملڪ، رحيم بخش سولنگي، / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

آءِ بي اي يونيورسٽي جو پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ احتجاج

پروفيسر اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سياسي سماجي ڪارڪنن ترڙي شعور رکندڙ ماڻهن عبدالقيوم مهر، حافظ نصرالله جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سڄي سنڌ سوڳوار ماحول بڻيل آهي پر افسوس جو مهل تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو: مظاهرين جون ڳالهيون

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) آءِ بي اي سکر يونيورسٽي جو پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ سول سوسائٽي شعور رکندڙ ماڻهن پاران مظاهرو. خبر موجب آئي بي اي سکر جي پروفيسر اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ سول سوسائٽي، سياسي سماجي ڪارڪنن ترڙي شعور رکندڙ ماڻهن عبدالقيوم مهر، حافظ نصرالله گبول، مختيار/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

قمبر شهدادڪوٽ جي ايجوڪيشن اختيارين جا ڪلور بدستور برقرار، اختياريون خاموش

لشڪري چانڊيو جي پرائمري اسڪول جو تعميراتي ڪم ٺيڪيدارن بند ڪري ڇڏيو آهي

نياڻيون بنا ڇت جي اسڪولي ٻيتين جي چانوري هيٺ تپندڙ ڏينهن ۾ علم حاصل ڪن ٿيون

ڪم ٺيڪيدار حميل احمد ۽ پيٽي ٺيڪيدار نور نبي ٽونيو اوچتو بند ڪري سامان کڻي غائب ٿي ويا

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ايجوڪيشن اختيارين جا ڪلور بدستور برقرار ڳوٺ لشڪري چانڊيو جي پرائمري اسڪول جو تعميراتي ڪم ٺيڪيدارن بند ڪري ڇڏيو گذريل ڪيترن عرصي کان اسڪول جي بن / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

وارهه: ڳوٺ لشڪري چانڊيو جي اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿيل آهي

ڏهرڪي جي مختلف اسڪولن
جي شاگردن پاران پروفيسر اجمل
ساوند جي قتل خلاف احتجاج

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند مرتواڻي) ڏهرڪي جي مختلف اسڪولن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج حرا پبلڪ اسڪول سميت استادن ۽ شاگردن پاران استاد محمد دين راڄڙي شوڪت نهڙ استاد فاروق جي اڳواڻي ۾ پروفيسر اجمل ساوند جي بيهمانہ قتل تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پنهنجي هٿن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سچل سرمست رحه جي 202 هين عرس مبارڪ جون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون

موجوده دور ۾ نوجوانن لاءِ سچل جو ڇا پيغام آهي، بهتر مستقبل لاءِ ڪهڙي واٽ وٺڻ گهرجي: اڳواڻ

ادبي ڪانفرنس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل جي مذمت ۽ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي

سچل چيئر کي فنڊز گهرجن، تحقيق کي وڌائڻ لاءِ نئي سر جوڙيل ڪاميٽي ذريعي اپائن تي عملدرآمد جي گهرج آهي

رانيپور (رپورٽر) عالمي عظيم صوفي بزرگ حضرت سچل سرمست رحه جي ٻه سئو ٻيون عرس مبارڪ واريون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون. موجوده دور ۾ نوجوانن لاءِ سچل جو ڇا پيغام آهي، بهتر مستقبل لاءِ ڪهڙي واٽ وٺڻ گهرجي، علم تهذيب ۽ تعليم کي اپنائڻ جي ضرورت آهي. تحقيق نگار ادبي ڪانفرنس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل جي مذمت ۽ هڪ منٽ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڊبليو ايڇ او جي عالمي ڏهاڙي تي غوثپور شهر جي رورل هيلٿ سينٽر کان ريلي

ايم ايس سب ڊويزن جي پئرا ميڊيڪل عملي ۽ پنهنجي اسپتال جي ويڪسينيٽرن سان ريلي ڪڍي

جاڳرتا ريلي جو مقصد علائقي جي عوام کي اهو شعور ڏيڻ آهي ته عوام وقت سر ويڪسين ڪرائين: عملدار

اسپتالن ۾ مليل سهولتن مان فائدو وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجن ٻارن کي وقت سر ٽڪا هڻائڻ ۾ لاغرضي نه ڪرڻ ڪپي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) ڊبليو ايڇ او جي عالمي ڏهاڙي تي غوثپور شهر جي رورل هيلٿ سينٽر جي ايم ايس ڊاڪٽر اعجاز احمد شاهه جيلاني پاران ڪنڌڪوٽ سب ڊويزن جي پئرا ميڊيڪل عملي ۽ پنهنجي اسپتال جي ويڪسينيٽرن سميت اسپتال کان مکي محلي تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي اسپتال جي انچارج سيد اعجاز شاهه جيلاني ڊبليو / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

غوثپور: صحت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

لاڙڪاڻي شهر جي جناح باغ چوڪ
تي اپر سنڌ رائيس فيڪٽريز
يونين طرفان احتجاج

ڏرڪي (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي جناح باغ چوڪ تي اپر سنڌ رائيس فيڪٽريز يونين طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب لاڙڪاڻي شهر جي جناح باغ چوڪ تي اپر سنڌ رائيس فيڪٽريز يونين جي مزدورن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي ان موقعي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي ۾ سسٽم جي نالي تي سروي زمين تي قبضو ڪندڙن خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج

ڪورٽ اسان سان انصاف ڪندي اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو: اصغر پاٽٿي

بابرڪت مهيني ۾ اسان جي سروي زمين تي قبضو ڪري اسانکي بي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

زمين جا اصل ڪاغذات اسان وٽ موجود آهن ناظر به اسان جي زمين جي وزٽ سروي ڪري ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سسٽم جي نالي تي اسان جي سروي زمين تي قبضو ڪندڙن خلاف اسان مسلسل ٻاويهه ڏينهن کان احتجاجي ڪيمپ ۾ احتجاج جاري رکيو اڄ ڪورٽ سڳوري اسان سان انصاف ڪندي اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو اصغر پاٽٿي تفصيل موجب :_ سائيٽ سپر هائي وي ٿاڻي جي حد جا انڊسٽريل ايريا جا رهائشي اصغر پاٽٿي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 08 اپريل 2023ع

سنڌ ۾ حياتيون ڳڙڪائيندڙ "قبيلائي دهشتگردي"

سنڌ ۾ "قبيلائي دهشتگرديءَ" جي ڏائڻ ڪيئن حياتيون ڳڙڪائيندي وڃي، شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي، جو ان حوالي سان ڪا روح کي رهڙيندڙ خبر نه ايندي هجي! ڪالهه به دل کي ڏوڏيندڙ واقعو اهو ٿيو آهي ته هڪ ساڃاهه وند شخص کي، سنڌڙائي_ ساوند خوني تڪرار ۾ قتل ڪيو ويو آهي. آءِ بي اي سکر جو پروفيسر اجمل ساوند، پنهنجي گهران سکر وڃي رهيو هو ته، تاڙ ۾ ويٺل هٿياربندن فائرنگ ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. پروفيسر اجمل ساوند فرانس مان پي ايڇ ڊي ڪئي هئي ۽ آءِ بي اي سکر ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو هو. پروفيسر اجمل ساوند جي قتل ڪانپوءِ علائقي ۾ شديد ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، صورتحال کي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته وڌيڪ خونريزيءَ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته، "ڏنار سچو ٿئي ته ڪڙهه تي ڪير پيئاري". اهڙي ريت سنڌ جا منتظمين انتظامي سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪن ۽ سنڌ جي امن امان کي چئلينج طور وٺن ته چند سئو ڌاڙيل رياست کان ڏاڍا نه ٿين ۽ نه ئي وري سنڌ جي اڌ درجن کن ضلعن ۾ هُشي ۽ هٿيارن جي زور تي برادري تڪرارن جو پنيت پڙڪائيندڙ ڪجهه پوتارن اڳيان حڪومت بيوس بڻيل رهي. انتظاميا هر سانحي کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ سرگرم ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ وري اگهور ننڊ ۾ هلي ويندي آهي. جيستائين ڪو نيو واقعو ان کي سجاڳ نه ڪري! سنڌ جي منتظمين کي پيا به گهڻا ڪم آهن. سنڌ جو امن امان شايد انهن جي ترجيح نه رهي آهي. اسان منتظمين کي اهو چوڻ چاهينداسين ته، سنڌ جي هن اهم مسئلي کان اوهان جي لاتعلقي سنڌ کي بدامنيءَ جي آڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. اوهان پنهنجين مصلحتن سان قانون جي فولادي هٿ کي فالج زده بڻائي ڇڏيو آهي. اوهان ڏوهن ۾ ملوث "اشرافيه" ۾ هٿ شايد ان ڪري وجهڻ نٿا چاهيو، جو اهي اوهان جا "اليڪٽيبل" به ٿي سگهن ٿا، اوهان کي شايد اهو وڻي ٿو ته اها "رونق" [illegible] وڃن ٿا.

پروفيسر اجمل ساوند جي قتل تي اسان انتهائي ڏک جو اظهار ڪريون ٿا ۽ ان اها گهر ٿا ڪريون ته قتل ۾ ملوث ڏوهارين کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي، "قبيلائي دهشتگرديءَ" جي خاتمي لاءِ ترت قدم کنيا وڃن، خوني تڪرارن کي هُشي ۽ هٿيارن سان زنده رکندڙ پوتارن ۾ هٿ وڌو وڃي ۽ سنڌ ۾ جديد ۽ خطرناڪ هٿيارن جي پهچ ۽ وڪري جا گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن.

قومي اسيمبليءَ مان منظور ٿيل ٺهراءَ ڪان پوءِ ڇا ٿيندو؟

ايم بي سومرو

4 اپريل واري ڏينهن سپريم ڪورٽ پنجاب اسيمبلي جي تڪن تي عام چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي. جيتوڻيڪ چونڊ شيڊيول جاري ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي پر سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ اپيلن جي تاريخ سوڌو پولنگ جي تاريخ به ڏني آهي. سپريم ڪورٽ جي انهي فيصلي تي رد عمل طور ٻنا هڪ لفظ ڳالهائڻ جي اليڪشن ڪميشن پنجاب اسيمبلي جي تڪن تي عام چونڊ ڪرائڻ جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن مطابق 14 مئي 2023 تي پنجاب اسيمبلي جي تڪن 297 تڪن تي عام چونڊ ٿيندي پر ان باوجود اڃان به اهو سوال بحث هيٺ اچي رهيو آهي ته پنجاب ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ ڏنل تاريخ تي ڇا چونڊ ٿي سگهندي؟ اهو سوال ان ڪري اڀاريو پيو وڃي جو حڪومت سپريم ڪورٽ جي انهي فيصلي کي نه رڳو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي پر انهي فيصلي تي شديد رد عمل جو اظهار ڪري رهي آهي. قومي اسيمبلي ۾ مسلسل حڪومتي ميمبر ۽ وفاقي وزير سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي جارحاڻي تنقيد ڪري رهيا آهن. نه رڳو ايترو پر ڪالهوڪي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ حڪومتي اتحاد پاران سپريم ڪورٽ جي فيصلي خلاف قرارداد بلوچستان سان تعلق رکندڙ باپ پارٽي جي پارلياماني ليڊر خالد مگسي کان پيش ڪرائي جنهن جي رڳو پي ٽي آءِ جي ٻن ميمبرن محسن لغاري ۽ محمود باقي مولوي مخالفت ڪئي. باقي سمورن ميمبرن ان جي حمايت ڪري قرارداد کي منظور ڪري ورتو سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي حڪومت کهڙي راءِ رکي ٿي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد حڪومت پاران ڪيو ويندو يا نه. سوڌو ان قسم جي ڪيترن ئي سوالن جا جواب قومي اسيمبلي مان ڪالهه منظور ڪيل قرارداد جي متن پڙهڻ سان ئي ملي ويندا. ان ڪري قرارداد جو متن هت ڏيڻ موضوع لاءِ مناسب ٿيندو قومي اسيمبلي پاران ڪالهه منظور ڪيل قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته. "28 مارچ 2023ع تي هن ايوان جي منظور ڪيل قرارداد ۾ پاڻمرادو نوٽيس ڪيس نمبر 1/2023ع ۾ سپريم ڪورٽ جي چئن جج صاحبان جي اڪثريتي فيصلي جي تائيد ڪندي ان تي عملدرآمد لاءِ سپريم ڪورٽ کان سياسي ۽ انتظامي معاملن ۾ بيجا مداخلت کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. اڪثر حلقن به فل ڪورٽ جوڙڻ جو مطالبو ڪيو. پر ان کي منظور نه ڪيو ويو. نه ئي هڪ کان سواءِ ٻين سياسي جماعتن جو موقف ٻڌو ويو. پارليامينٽ جي ان واضح قرارداد ۽ سپريم ڪورٽ جي 4 جج صاحبن جي اڪثريتي فيصلي کي مڪمل نظر انداز ڪندي ٽي رڪني مخصوص بينچ اقليتي راءِ مسلط ڪري ڇڏي. جيڪو عمل سپريم ڪورٽ جي پنهنجي روايتن ۽ مثالن جي به خلاف ورزي آهي. اڪثريت تي اقليت کي مسلط ڪيو ويو آهي. ٽي رڪني اقليتي بينچ جي فيصلي کي پارليامينٽ رد ڪري ٿي ۽ آئين ۽ قانون مطابق اڪثريتي بينچ جي فيصلي کي نافذ العمل قرار ڏئي ٿي. هي اجلاس پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 184 جي شق 3 تحت داخل ڪيسن کي فل ڪورٽ ميٽنگ جي فيصلن تائين ٻڌڻي لاءِ مقرر نه ڪرڻ جي سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جي فيصلي جي تائيد ڪري ٿو ۽ هڪ ايگزيڪيوٽو سرڪيولر ذريعي ان تي عملدرآمد روڪڻ جي قدمن کي گهري ڳڻتي جي نظرن سان ڏسي ٿو. هي ايوان ان عدالتي فيصلي کي عجلت ۾ ۽ هڪ تڪراري بينچ جي سامهون ٻڌڻ جي لاءِ مقرر ڪرڻ ۽ ڪجهه منٽن ۾ ان تي فوري فيصلي تي به شديد خدشن جو اظهار ڪري ٿو ته اهڙو عمل سپريم ڪورٽ جي روايتن ۽ نظيرن جي کلي خلاف ورزي آهي. جنهن ڪري هي فيصلو ناقابل قبول آهي. هي ايوان سياسي معاملن ۾ بيجا عدالتي مداخلت تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ٿو. تازو آيل اقليتي فيصلو ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام پيدا ڪري رهيو آهي ۽ وفاقي يونٽن ۾ تقسيم جي راهه هموار ڪئي وئي آهي. جنهن ڪري هي ايوان ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام جي لاءِ آئين ۽ قانون ۾ ڏنل مروجه طريقيڪار جي عين مطابق ملڪ ۾ هڪ ئي وقت عام چونڊون ڪرائڻ کي ئي تمام مسئلن جو حل سمجهي ٿو. هي ايوان ٽي رڪني بينچ جي اقليتي فيصلي کي رد ڪندي وزيراعظم ۽ ڪابينا کي پابند ڪري ٿو ته ان آئين ۽ قانون جي خلاف فيصلي تي عمل نه ڪيو وڃي. هي ايوان آئين جي آرٽيڪل 63 جي غلط تشريح ۽ ان کي سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ذريعي نئين سر لکڻ تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪري ٿو ته سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ ان تي نظرثاني ڪري. " وزير اعظم جي موجودگي ۾ منظور ٿيل ۽ حڪومتي وزيرن پاران ڊرافٽ ڪيل ان قرارداد جي متن تي غور ڪبو ته اهو واضح نظر ايندو ته مامرو سلجهڻ بجاءِ وڌيڪ الجهڻ وڃي رهيو آهي. قرارداد مان واضح آهي ته حڪومت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد نه پئي ڪرڻ وڃي. اگر 10 اپريل تائين پنجاب جي چونڊن لاءِ گهربل پئسا حڪومت اليڪشن ڪميشن کي جاري نٿي ڪري ته اليڪشن ڪميشن کي 11 اپريل تي ان حوالي سان رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ائين سيڪيورٽي جي فراهمي بابت اليڪشن ڪميشن کي رپورٽ 17 اپريل تي سپريم ڪوررٽ ۾ جمع ڪرائڻي آهي. سوال هي آهي ته اگر حڪومت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد نٿي ڪري ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ان سوال جو جواب اهو آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد نه ٿيڻ سان عدالت توهين عدالت جي ڪاروائي ڪري سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو وزير اعظم پنهنجي حڪومت کي سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد نه ڪرڻ جي هدايت تي ٻڌل قرارداد منظور ڪرائي آهي. ان پويان حڪمت عملي اها لڳي رهي آهي ته اگر عدالت توهين عدالت جي ڪاروائي شروع ٿيندي ته وزير اعظم پاران عدالت کي ٻڌايو ويندو ته ڪين قومي اسيمبلي پاران فيصلي تي عملدرآمد نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سوال اهو آهي ته ڇا قومي اسيمبلي جي سمورن ميمبرن کي سپريم ڪورٽ گهر موڪليندي؟ سوال هي به آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي تحت وفاقي حڪومت جو مطلب وزير اعظم نه پر سموري وفاقي ڪابينه آهي. اگر توهين عدالت جي ڪاروائي ٿي ته پوءِ رڳو وزيراعظم نه پر پوري ڪابينه کي گهر موڪلڻو پوندو. جڏهن عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ تي يوسف رضا گيلاني کي وزير اعظم جي عهدي تان هٽايو ويو هو. ان وقت سپريم ڪورٽ وفاقي حڪومت جي اها تشريح نه ڪئي هئي.

سوال هي به آهي اگر سپريم ڪورٽ پاران ڏنل تاريخ تي اگر پنجاب اسيمبلي جي چونڊ 14 مئي تي ٿي وڃي ٿي. ان بعد قومي اسيمبلي، سنڌ، بلوچستان، ڪي پي ڪي اسيمبلي جي تڪن تي جڏهن آڪٽوبر ۾ چونڊ ٿيندي ته ڇا پنجاب جا حڪمران ان چونڊ تي اثر انداز نه ٿيندا؟ سوال هي به آهي ته جڏهن 14 مئي تي پنجاب اسيمبلي جي چونڊ ٿيندي ته آڪٽوبر تائين ته پنجاب ۾ چونڊيل حڪومت هوندي. ظاهر آهي اها هڪ پارٽي يا ڪجهه پارٽين جي اتحاد جي حڪومت هوندي ڇا پنج سالن لاءِ چونڊ بعد قائم پنجاب حڪومت کي قومي اسيمبلي جي تڪن تي چونڊ لاءِ معطل ڪيو ويندو؟ اگر معطل به ڪيو ويندو ته ڪهڙي آئين جي آرٽيڪل تحت ائين ڪيو ويندو؟ اگر پنجاب صوبي ۾ هڪ سياسي پارٽي جي حڪومت هوندي ته اها قومي اسيمبلي جي تڪن تي آزاداڻي چونڊ ڪيئن ڪرڻ ڏيندي؟

اوهان کي ٻڌايان ته قومي اسيمبلي ۾ هن وقت جنرل تڪن جو ڪل تعداد 272 آهي. سنڌ، بلوچستان، ڪي پي ڪي، اسلام آباد لاءِ قومي اسيمبلي جي تڪن جو مجموعي تعداد 131 ٿئي ٿو. جنهن ۾ سنڌ 61، ڪي پي ڪي 51، بلوچستان 16، اسلام آباد جون ٽي جنرل سيٽون شامل آهن. جڏهن ته قومي اسيمبلي ۾ اڪيلي پنجاب جون ٽنهي صوبن، اسلام آباد جي مجموعي سيٽن کان 10 سيٽون وڌيڪ آهن. يعني پنجاب صوبي جا قومي اسيمبلي جا تڪ 141 آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڪيلي پنجاب صوبي مان اڪثريت ۾ ڪامياب ٿيندڙ حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن اگر پنجاب اسيمبلي جي چونڊ ٿي وڃي ٿي ته ڇا ان بعد باقي صوبن ۾ ان چونڊ جا اثر ڪيئن نه پوندا؟ ائين ٿي ٿو ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام ڪيئن ايندو؟ حڪومت کهڙي به پارٽي ناهي، اها افراتفري ۾ ڪم ڪيئن ڪري سگهندي؟

هن صورتحال مان نڪرڻ جا حل ته ٿي سگهن ٿا. جن ۾ هڪ حل قومي اسيمبلي ۽ باقي اسيمبلين جي مدت مڪمل ٿيڻ بعد سمورين اسيملين جي چونڊ هڪ ئي ڏينهن تي ڪرائڻ به شامل آهي پر مامرو جنهن سطح تي پهچي چڪو آهي. ان کي ڏسي ته مامرو وڌندي نظر اچي رهيو آهي

> تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
> 'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
> هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

سياسي ۽ اقتصادي بحران

ماجد مقصود

ننڍپڻ کان اهو ٻڌندا پيا اچون ملڪ وڏي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي، مگر ماڻهو ان طرف ڌيان نه ڏيندا هئا جو ملڪ ۾ اهڙي ڪا غير معمولي صورتحال نظر نه ايندي هئي ۽ ماڻهو ان کي اسٽيبلشمينٽ جو بيان ئي سمجهندا هئا، مگر هن وقت ملڪ هڪ انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي ۽ ان جا سبب سياسي ۽ اقتصادي آهن. جنهن جو اثر معاشري جي هر ماڻهو تي ٿي رهيو آهي، اڄ ته ڀورين ملڪ جي سياسي ۽ پوءِ اقتصادي بحرانن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. هن بحران جو عام ماڻهو کي ايترو اندازو ناهي آهي رڳو مهانگائي کي ڏسي سمجهن ٿا ملڪ تباهه پيو ٿئي، مگر حالات مهانگائي کان وڌيڪ خراب آهن ملڪ ۾ سياسي تجربن جو سلسلو ته 1958 کان شروع ٿي ويو هو ۽ مارشلا لڳڻ سان ٿي ملڪ کي هلائڻ لاءِ فيصلو ٿي ويو، ملڪ کي ڪير هلائيندو، مارشلا جي نتيجي ۾ ملڪ جا ٻه ٽڪرا ٿي ويا مگر ملڪ ۾ مارشلا لڳڻ وارو سلسلو بند نه ٿيو ملڪ ۾ مسلم ليگ جڏهن کان وجود ۾ آئي آهي، ڌڙن ۾ تقسيم رهي آهي ۽ اها ڪڏهن به ملڪ جي نمائند پارٽي نه رهي آهي، ملڪ جي واحد سياسي پارٽي پاڪستان پيپلزپارٽي هئي جيڪا 1967 ۾ وجود ۾ آئي، جنهن ملڪ کي هڪ متفقہ آئين ڏنو ۽ ملڪ ۾ سياسي شعور اجاگر ڪيو، مگر ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ڦاهي ڏيئي ڇڏيائون. جنهن ليڊر ملڪ کي دنيا سان ڳنڍيو ۽ ملڪ ۾ هڪ ترقي جو دور شروع ٿيو مگر فيصلو ٿي چڪو هو ته هن ملڪ ۾ جمهوريت کي ناهي هلڻ ڏيڻو اهڙي طرح پٽي جو دور ختم ٿي ويو ۽ ملڪ ۾ هڪ ٽئين مارشلا لڳي، جيڪا ڏهه سال رهي، ملڪ ۾ ڪلاشنڪوف ۽ افغاني آيا ۽ حدود آرڊننس آيو عورتن تي پابندي مڙهي وئي، حجاب ڪانسواءِ ٽي وي تي پابندي هئي ۽ ٻيا اهڙا ڪم ڪيا ويا، جن ملڪ جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو جيڪي ماڻهو جون ٿا پٽو زنده آهي، مان انهن سان بلڪل اتفاق نٿو ڪريان، هن ملڪ ۾ اگر ڪوئي مرڻ کان پوءِ زنده آهي، اهو ضياءُ الحق زنده آهي. جيڪو اوهان کي هر رستي ۽ گلي ۾ ملي ٿو ضياءُ جي مرڻ کان پوءِ بينظير ڀٽو کي بي دلي سان ڪجهه شرطن تي اقتدار ڏنو ويو، مگر سال ڏيڍ ۾ ان کي به لاٿو ويو ضياءُ ۽ جنرل جيلاني جي تيار ڪيل اڳواڻ نواز شريف کي آندو ويو، مگر ان سان پڻ اختلاف ٿي پيا ۽ ان جي حڪومت کي ٻن لاهيو ويو پاڪستان پيپلزپارٽي جيڪا پوري ملڪ جي نمائند سياسي پارٽي هئي، انکي وقتن فوقتن ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جيئن ڪا سياسي پارٽي ملڪ ۾ مضبوط ٿي نه ٿئي، 90ع جي ڏهاڪي ۾ ڪجهه جمهوري دور کان پوءِ وري پرويز مشرف جو مارشلا لڳي ويو، جنهن ملڪ جا ڏرا ڪيدي ڇڏيا، چوڻ وارا چون ٿا ملڪ ۾ پئسو هو، مگر اهو پئسو ملڪ جي قيمت تي آمريڪا ڏيئي رهيو هو، ملڪ ۾ هڪ اهڙي دهشتگردي جنم ورتو جيڪا اڃان تائين ختم نه ٿي سگهي آهي، پرويز مشرف پنهنجي اقتدار کي وڌائڻ لاءِ پيپلزپارٽي سان ڊيل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر بي نظير ڀٽو ان سان شرط رکيو ته ملڪ ۾ شفاف اليڪشن ٿيڻ ڏيو پرويز مشرف بينظير ڀٽو سان دوکو ڪيو ۽ ملڪ ۾ ايمرجنسي نافذ ڪري سپريم ڪورٽ جي ججن کي گهر موڪلي ڇڏيائين نتيجي ۾ بينظير ڀٽو وطن واپس آئي، مگر ان بينظير قتل ڪئي وئي، پي پي جي قتل ڪانپوءِ هڪ دم محترم جي قتل واري جڳهه کي صاف ڪيو ويو، جيئن ڪو ثبوت ئي نه ملي، محترم جي قتل ڪانپوءِ پي پي اقتدار ۾ نه آئي، مگر پيپلزپارٽي جيڪا پوري ملڪ جي هڪ نمائنده واحد سياسي پارٽي هئي، اها سنڌ صوبي تائين محدود ٿي وئي، جيڪا اسٽيبلشمينٽ جي هڪ تمام وڏي ڪاميابي هئي، بهرحال آصف زرداري جي اڳوائي ۾ پي پي جي حڪومت آئي جنهن ۾ 18 ترميم جهڙا انقلابي ڪم ٿيا مگر افسوس آهستي آهستي پي پي پڻ 18 ترميم تي اسٽينڊ وٺڻ ڇڏي ڏنو 18 ترميم جي نتيجي ۾ آيو شعبا اڄ به پي ڊي ايم جي حڪومت ۾ آهن، جيئن تعليم يا صحت ڪاتي جڏهن اهي شعبا مڪمل صوبن کي 18 ترميم ذريعي ملي چڪا آهن پي پي عمران خان جي حڪومت ۾ ڏنل سنگل ڪريڪيولم سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو مگر پي ڊي ايم جي حڪومت پي پي وري سنگل ڪريڪيولم تي ڪم ڪري رهي آهي جيڪا ارڙهين ترميم جي خلاف ورزي آهي.

واپس اچون ٿا سياسي دور طرف ته آصف زرداري جي دور کان اهو فيصلو ڪيو ويو هڪ ٽئين سياسي قوت اچڻ گهرجي. ان لاءِ ملڪ ۾ وڏي سيڙپ ڪئي وئي عمران خان کي لانچ ڪيو ويو، نواز شريف 2013 ۾ اليڪشن کٽي آيو، مگر ان لاءِ بحران پئدا ڪري ان جي حڪومت کي مفلوج ڪيو ويو نيٺ پاناما ڪيس ۾ نااهل ڪري جيل ۾ وڌو ويو ان کي سپريم ڪورٽ مان صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ پڻ ڏياريو ويو جڏهن سابق آرمي سربراهه ۽ عمران جي وچ ۾ اختلاف ٿيا، اختلاف جو سبب ڊي جي آئي ايس آئي جي سربراهه جي تعنيائي هئي مگر اختلاف ايترا وڌي ويا عدم اعتماد جي رٿ پيش ڪري عمران خان کي لاٿو ويو مگر اڃان تائين عمران خان جا سڀ مطالبا پورا ٿي رهيا آهن ان کي حفاظتي ضمانتون پڻ مليون ڪورٽون ورهائجي ويون مگر عمران کي سپورٽ ڪنديون رهيون. تازو اليڪشن بابت آيل فيصلو ملڪ جي سڀ کان وڏي ڪورٽ جي ججن جي اختلافن جي نتيجي ۾ آيو آهي، جنهن کي حڪومت مڃڻ لاءِ تيار آهي. هي سياسي بحران حل ٿيڻ وارو نه پيو لڳي، ان جا تمام گهرا اثرات ملڪ تي پوندا. هن وقت ملڪ سنگين اقتصادي بحرانن ۾ ورتل آهي، آئي ايم ايف پئسا ڏيڻ لاءِ روز نوان شرط لڳائي رهيو آهي. مگر ڪجهه اقتصادي ماهر چون ٿا ته آئي ايم ايف جو پاڪستان تي اعتبار ٽٽي چڪو آهي. انڪري انهن شرط اگر دوست ملڪ سفارش ڪن ته پاڪستان کي امداد ملي سگهي ٿي. ناڻي واري وزير جو تازو بيان آيو آهي ته آئي ايم ايف مان جان ڇڏائڻي پوندي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته آئي ايم ايف ملڪ کي ملڪ کي امداد نه ڏيندو ۽ ملڪ جا اقتصادي حالات اڃان ابتر ٿيندا، جنهن جي لاءِ ماڻهن کي ذهني طرح تيار رهڻ گهرجي.

بقايا 01

طالبان پاڪستان جي خطرناڪ دهشتگردن کي اعتماد سازي جي نالي تي جيلن مان آزاد به ڪيو ويو واپس ايندڙ انهن خطرناڪ دهشتگردن ۽ افغانستان ۾ وڏي انگ ۾ موجود مختلف دهشتگرد تنظيمن پاران مدد ملڻ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام منتشر ٿيو جيڪو اڻ ڳڻين قربانين ۽ لاڳيتون ڪاوشن جو ثمر هو وڌندڙ نفرت معاشري ۾ورچ ۽ ٻردي ٻنيان حدفن جي آڙ ۾ رياستي ادارن ۽ ان جي قيادت جي خلاف بيروني اسپانسرڊ زهريلو پروپيگنڊا سوشل ميڊيا تي ڦهلائڻ جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪريون ٿا ان سان قومي سلامتي متاثر ٿئي ٿي شهيدن جي عظيم قربانين ۽ لاڳيتو ڪاوشن سان حاصل ٿيل امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل ٻڌائي مطابق قومي سلامتي ڪائونسل جو 41هون اجلاس جمعي تي وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو وزيراعظم اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ وفاقي وزير چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي، سروسز چيفس ۽ لاڳاپيل اعليٰ ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي هي اجلاس 2 جنوري 2023 تي پشاور پوليس لائينز ۾ دهشتگردي جي حملي کان پوءِ ڪوٺايل قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس جي تسلسل ۾ ٿيو اجلاس جي شروعات ۾ 7 اپريل 2012 تي سانحو گياري سيڪٽر جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو اجلاس جامع قومي سلامتي تي زور ڏنو جنهن ۾ عوام جيرليف کي مرڪزي حيثيت قرار ڏنو ويو ۽ فورم کي ٻڌايو ويو ته حڪومت ان ڏس ۾ قدم کڻي رهي آهي اجلاس قوم کي جتادارامن ڏيڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين ۽ ڪاوشن جو اعتراف ڪيو فورم پاڪستان مان دهشتگردي جي انت تائين پنهنجون ڪارروايون جاري رکڻ جو عزم ڪيو اجلاس پوري قوم ۽ حڪومت سان گڏجي جامع آپريشن شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني. ٻڌائي مطابق پاڪستان مان هر طرح ۽ هر قسم جي دهشتگردي جي ناسور جي انت لاءِ جامع آپريشن ۾ سياسي سفارتي سيڪيورٽي معاشي ۽ سماجي سطح تي ڪوششون شامل هونديون ان ڏس ۾ اعليٰ سطح جي هڪ ڪميٽي جوڙي به وئي جيڪا ٻن هفتن ۾ ان تي عملدرآمد ۽ ان جي حدن بابت سفارشون پيش ڪندي اجلاس ۾ مقتدر انٽيليجنس ايجنسي جي ڪامياب آپريشن کي گهڻو ساراهيو ويو جنهن ۾ انهن گهربل دهشتگرد گلزار امام عرف شنبي کي گرفتار ڪيو گرفتار جيڪو دهشتگرد بلوچ نيشنل آرمي ۽ براس جي باني ۽ اڳواڻ ۽ هڪعرصي کان مختلف دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ ملوث هو

بقايا 02

موجب سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ 12 اپريل تي موڪل هوندي.

بقايا 03

عدليه ۾ اٿڻ کان پاسو ڪيو وڃي. اهڙا تڪرار عدالت ۾ اٿڻ سان عدالت هارائي وڃي ٿي، عدليه سميت سمورا ادارا پنهنجي انا هڪ پاسي رکي آئيني ذميواريون پوريون ڪنچيف جسٽس لکيو آهي ته پي ٽي آءِ جي درخواست تي ڪارروائي شروع ڪري سياسي ڌرين کي عدالت تي اعتراض ڪرڻ جي دعوت ڏني وئيچيف جسٽس موجب پاڻمرادي نوٽيس جي ڪارروائي شروع ڪرڻ سان سائلن جا حق متاثر ٿيا، فل ڪورٽ جوڙڻ سان اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي ها، عوام جي اعتماد کي قائم رکڻ لاءِ فل ڪورٽ جوڙي وڃي ها جسٽس منصور شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل جي راءِ سان اتفاق ڪيان ٿو پاڻمرادي نوٽيس وارو فيصلو 4 ججز جو هو مون پاڻ کي بينچ کان الڳ نه ڪيو هو، 27 فيبروري تي اتفاق ٿيو هو ته مان بينچ ۾ ويهندسجسٽس اطهر من الله سوال اٿاريو آهي ته تحريڪ انصاف سياسي حڪمت عملي تحت استعيفائون ڏنيون. سياسي حڪمت عملي تحت صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ تي به سوال اٿن ٿا، ڇا اهڙي حڪمت عملي آئين ۽ جمهوريت سان مطابقت رکي ٿي؟ ڇا اها آئين جي ڀڃڪڙي نه آهي؟جاري ڪيل تفصيلي نوٽ ۾ جسٽس اطهر من الله چيو ته ڇا عدالت کي اهڙي سياسي حڪمت عملي کي سگهارو ڪرڻ لاءِ پنهنجو فورم استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي؟ ڇا عدالت کي غير جمهوري روايتن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي؟ ائين ڪري عدليه غيرارادي طور پارليامينٽ کي ڪمزور ڪندي

بقايا 04

ڪئي، اختيارن جي غلط استعمال سبب سپريم ڪورٽ ۾ بغاوت جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جنهن تي سنجيده سوال آهن. انصاف جي رويي ۽ تعصب تي اٿاريو ويو آهي. مريم نواز چيو ته اڄ تائين ڪنهن به چيف جسٽس تي اهڙي بدانتظامي جو الزام ناهي لڳايو. چيف جسٽس جو رجحان تحريڪ انصاف ڏانهن اهم آهي، چيف جسٽس عمر عطا بنديال کي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي.

بقايا 05

اتحادي پارٽين جي قيادت اهڙو ڪوبه فيصلو ناهي ڪيو هن چيو ته اتحادي حڪومت ۾ شامل پارٽيون سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي وقت چونڊون چاهين ٿيون پر ڪاغذ واپس وٺڻ جون خبرون بي بنياد ۽ من گهڙت آهن هن ميڊيا تي پڻ زور ڏنو ته اهڙيون خبرون شايع ڪرڻ کان اڳ پارٽي جي ترجمانن کان تصديق ڪري.

بقايا 06

اڳ شاگردن کي ليڪچر ڏيڻ واري وڊيو به وائرل ٿي وئي آهيپروفيسر اجمل ساوند وڊيو ۾ چئي رهيو آهي ته انگريز فرينچ ٻولي پڙهائڻ جا پئسا ڏيڻ جي آڇ ڪندا آهن پر مان پنهنجن ماڻهن کي پڙهائڻ چاهيان ٿوپروفيسر اجمل ساوند جي قتل تي سنڌ ۾ سوڳ جي لهر پکڙيل. سول سوسائٽي واقعي کي شعور جو قتل قرار ڏئي ڇڏيو آءِ بي اي سکر جي پروفيسر اجمل ساوند فرانس مان آرٽيفيشل انٽيليجنس جي شعبي ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي هئي.ٻاسي پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ٻئي ڏينهن به ڪارروايون جاري آهن. پوليس اٿالن سندراڻي برادري جي مختلف ڳوٺن تي ڇڙهايون ڪري ڪيترائي گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهنپوليس موجب جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن. سندن گرفتاري لاءِ ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن

بقايا 07

سنڌ پنجاب بارڊر دائوواﻻ چيڪ پوسٽ وٽان مدينا ايگرو سيد صادق آباد جي جعلي نين واري پرمٽ ذريعي روزانو لکين مڻ سنڌ جي ڪڻڪ پنجاب جا ذخيرا اندوز پنجاب طرف منتقل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته هي ڪم ڪڻڪ جو سيزن شروع ٿيندي ئي ڪيترن ئي ڏينهن کان ڏينهن ڏٺي جو جاري آهي. ذريعن اها دعويٰ پڻ ڪئي آهي ته دائوواﻻ چيڪ پوسٽ تي مقرر خوراڪ کاتي سنڌ جا اهلڪار هزارين روپيا رشوت عيوض اهو ڪم ڪرائي رهيا آهن. پنجاب جي ذخيرا اندوزن کي کلي ڇوٽ پڻ ڏني وئي آهي، انڪري ڪڻڪ جي غيرقانوني چرپر زور ۽ شور سان جاري آهي.

بقايا 08

ذريعن موجب حساس اداري شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪري 2 ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب گرفتار جوابدار نيو ڪراچي ۾ اهلسنت والجماعت جي اڳواڻ مولانا سليم کتري جي قتل ۾ ملوث آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدارن کي سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان سڃاڻپ ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي، ٽارگيٽ ڪلرز ٽارگيٽ ڪلنگ جي وارداتن ۾ به ملوث آهن.

بقايا 09

تي صوبائي وزير محنت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني، صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار قاسم نويد قمر، عاجز ڌامراهه ۽ پاڪستان جي مختلف صوبن ۽ شهرن مان آيل پيپلز پارٽي ڊيجيٽل جي نوجوان شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙ سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پنهنجي تقريرن ۾ پي پي پي ڊجيٽل جو ڪم جي شروعات ۽ ان کي سرگرمي سان اڳتي وڌائڻ تي پي پي پي ڊجيٽل جي سربراهه شرجيل انعام ميمڻ جي خدمتن، سرگرمين ۽ فعاليت کي ساراهيو ۽ چيو ته شرجيل انعام ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پيپلز پارٽي ڊجيٽل جا سرگرم ڪارڪن پاڪستان پيپلزپارٽي جي منشور ۽ پارٽي قيادت جي ويزن کي ڊجيٽل ميڊيا تي اجاگر ڪرڻ لاءِ انتهائي مهذب انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. ان موقعي تقريب کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عام طور تي ماڻهو وڏن ماڻهن جي اعزاز ۾ دعوتون ڏيندا آهن پر اسان جي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مون کي چيو ته مان پيپلزپارٽي جي نوجوانن جي اعزاز ۾ افطار جو انتظام ڪريان ۽ پيپلزپارٽي جي ڊجيٽل ورڪرن کي خاص مهمان طور شرڪت جي دعوت ڏيان. ان ڪري اڄوڪي تقريب جا خاص مهمان هن هال ۾ موجود اسان جا سوين نوجوان ڪارڪن آهن. هن چيو ته ملڪ ۾ انتشار ۽ نفرت پکيڙيندڙ قوتن جو حوصلا شڪني لاءِ پي پي ڊي جا ڪارڪن پنهنجي موقف جو ڀرپور ۽ باوقار انداز ۾ اظهار ڪندا ۽ پ پ ڊيجيٽل جا ڪارڪن پنهنجي موقف جي اظهار وقت مخالف جي جنس ۽ عمر جو به خيال رکندا ۽ بدتميزيءَ جي جواب ۾ پنهنجي موقف کي استدلال ۽ تهذيب سان سٺن لفظن ۾ پيش ڪندا. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڊجيٽل جي تنظيم سازي ٿي رهي آهي ۽ تنظيم سازي ڪم ۽ ميرٽ جي بنياد تي ٿيندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڊجيٽل جي ڪارڪنن کي اعليٰ تربيتي موقعا پڻ فراهم ڪيا ويندا، جنهن ڪانپوءِ اهي ڪارڪن پنهنجي لاءِ باعزت ڊجيٽل روزگار حاصل ڪري سگهندا. هن چيو ته تمام جلد پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان ۽ اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي ڊجيٽل ورڪرز جا ڪنوينشن منعقد ڪيا ويندا جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ شرڪت ڪندو. تقريب جي پڄاڻي تي پ پ ڊجيٽل جي ڪارڪنن پاران ٺاهيل گيٽ جي وڊيو پڻ پيش ڪئي وئي.

بقايا 10

موجب بلوچ نيشنل آرمي پاڪستان ۾ درجنين دهشتگرد حملن جي ذميوار آهي، گلزار امام 2018 تائين بلوچ ريپبليڪن آرمي ۾ براهمداغ بگٽي جو نائب به رهيو آءِ ايس پي آر جو وڌيڪ چوڻ آهي ته گلزار امام بلوچ راجوئي آجائي سنگر جي جوڙجڪ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جو آپريشنل سربراهه به رهيو، گلزار امام جا پارٽ ۽ افغانستان جا دورا به رڪارڊ تي آهن گلزار امام کي مڪمل منصوبابندي سان هڪ ڪامياب آپريشن دوران گرفتار ڪيو ويو، سندس گرفتاري بي اين اي ۽ ٻين ويڙهاڪن گروپن لاءِ وڏو جهٽڪو آهي، گلزار امام جي ملڪ دشمن انٽيليجنس ادارن سان رابطن جي جاچ به ڪئي پئي وڃي

بقايا 11

شين جي ورهاست جي ميڊيا تي اشتهار روڪڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي لاهور هاءِ ڪورٽ به ان درخواست تي ٻڌڻي لاءِ 11 اپريل جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي عدالت چيو ته مفت ضروري شين لاءِ مستحقين کي قطار ۾ بيهارڻ انساني وقار جي ڀڃڪڙي آهي.ان حوالي سان عدالت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهڙي ورهاست ڪي عام ڪيو وڃي ته اها ٻاهر پارڻ جو ڪم ڪري ٿي.عدالت اهو به رمارڪس ڏنا ته سرڪاري پروجيڪشن لاءِ سرڪاري فنڊن سان خيرات جو اعلان بدعنواني آهي.

بقايا 12

چوندون ڪرايون وڃن سينيٽ جي اجلاس ۾ مشاهد حسين سيد پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته مودي کي ڳالهين لاءِ چيو ويندو آهي ۽ طالبان سان ڳالهين لاءِ تيار آهي ته پوءِ پي ٽي آءِ سان ڇو نه؟ هن چيو ته حڪومت پي ٽي آءِ کان آئين ۽ شيڊول موجب اليڪشن جي رانديگرن جا ضابطا طئي ڪري، مشاهد حسين سيد چيو ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ کي غير ضروري ويڙهه کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جنگ ادارن سان نه لئي ڪئي سگهجي، ملڪ جي اندروني معاملن تي ڳالهيون ٿيڻ گهرجن هن چيو ته اسان سپريم ڪورٽ ۽ پي ٽي آءِ فوج سان غير ضروري ويڙهه ۾ مصروف آهيون، پاڪستان اندر قومي اتحاد جي ضرورت آهي، مشاهد حسين سيد چيو ته هو چين مان واپس آيو آهي، هو اسان جو بهترين ساٿي آهي، چين چوي ٿو ته هو اهڙين حالتن ۾ به پاڪستان سان گڏ بيٺا آهن.

بقايا 13

ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪرڻي هئي، ناڻي واري وزير کي آمريڪي دوري دوران متحده عرب امارات جي اختيارين سان به ملاقاتون ڪرڻيون هيون، عالمي بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جي اجلاسن ۾ هائي پاڪستان جو وفد شرڪت ڪندو، وفد ۾ ناڻي ۽ اقتصادي معاملن وارا سيڪريٽريز شامل هوندا، گورنر اسٽيٽ بينڪ به آمريڪا جو دورو ڪندو، پاڪستاني وفد آءِ ايم ايف سان قرض واري پروگرام جي بحاليءَ بابت ڳالهيون ڪندو

بقايا 14

آهي، جيستائين ڪيس جا تفصيل سامهون نه اچن، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مراد سعيد جي ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ ۽ گرفتاري کان روڪڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت حڪم ڏنو ته ايندڙ ٻڌڻي تائين مراد سعيد خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وڃي، جسٽس ارباب محمد طاهر چيو ته ڌرين کي سڏي پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي، مناسب حڪم جاري ڪيا ويندا، عدالت پوليس ۽ ايف آءِ اي کي نوٽيس جاري ڪندي مراد سعيد جي گرفتاري کان روڪيندي ايندڙ هفتي تائين ڪيسن جا تفصيل طلب ڪري ورتا.

بقايا 15

انتهائي افسوس سان چئي رهيو آهيان ته سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ڊاڪٽر اجمل ساوند جنهن آرٽيفيشل انٽيليجنس ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي هئي کيس قتل ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر اجمل ساوند فرانس ۾ يورو ۾ ڪمائي رهيو هو کيس سنڌ جي عوام جو درد هو ڊاڪٽر اجمل ساوند سنڌ جي تباهيءَ تي سنڌ لاءِ پريشان هو ڊاڪٽر اجمل ساوند فرانس ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي سنڌ موٽي آيو هو ۽ IBAيونيورسٽي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو هو افسوس ڊاڪٽر اجمل ساوند سنڌ جي سرداري ظالمانہ نظام جي ور چڙهي ويو پي ايڇ ڊي هولڊر تعليم دوست ڊاڪٽر اجمل ساوند کي بيگناهه قتل ڪيو ويو، ٻن قبيلن جو تڪرار هو هن جو نه ڏيڻ هو نه وٺڻ هو، ڊاڪٽر اجمل جو قتل انسانيت جو ۽ سنڌ جي شعور جو قتل آهي جنهن جي شديد مذمت ڪريون ٿا، سنڌ جي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ فرانس جو پرامن ماحول ڇڏي آيو هو کيس پراڻي ڪاروڪاري تڪرار ۾ قتل ڪيو ويو جنهن ۾ هن جو ڪو به واسطو نه هو سنڌ مان ظالمانو نظام جو خاتمو ٿيڻ تائين ائين ئي ماڻهو مرندا رهندا، حليم عادل شيخ چيو ته ڊاڪٽر اجمل ساوند جي بلاول زرداري سان سيلفي پڻ سوشل ميڊيا تي هلي رهي آهي اها سيلفي بلاول کان پڇي رهي آهي ته سنڌ مان هي ظالمانو نظام ڪڏهن ختم ٿيندو؟ ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي، ڊاڪٽر اجمل ساوند جو قتل علم، ادب، فهم، جو قتل آهي.

بقايا 16

جي ادارن جو قيام ٻين حڪومتن لاءِ روشن مثال آهي عوام جي صحت هميشه پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ملڪ ۾ ڀريون پيرو سڀ کان وڌيڪ اسپتالون ۽ صحت مرڪز شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ قائم ٿيا شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاران ليڊي هيلٿ رضاڪارن جو قدم انقلابي پيش رفت آهي ايل ايڇ وي نيٽ ورڪ اڄ اسان جي پبلڪ هيلٿ سسٽم جو ريڙهه آهي ٻارن کي معذور ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پوليو خلاف مهم شروع ڪرڻ به شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو تحفو آهي صدر آصف علي زرداري جي دور حڪومت ۾ بي آءِ ايس پي جي چند ڇانءَ هيٺ "وسيلہ صحت" متعارف ڪرايو ويو اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، گمبٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ، جي پي ايم سي، سائبر نائف ٽيڪنالاجي پيپلز پارٽيءَ جا تحفا آهن 2008ع کانپوءِ عوامي حڪومت سڄي سنڌ ۾ 500 کان وڌيڪ ننڍا وڏا صحت مرڪز ۽ اسپتالون ٺاهيا آهن ZABICVD 1200 بسترن تي مشتمل دنيا جي سڀ کان وڏي مفت ڪارڊيالوجي اسپتال اسان جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي اسان جو نعرو آهي ته پئسن جي کوٽ ڪنهن پاڪستاني جي علاج ۾ رڪاوٽ نه بڻجندي ملڪ جي آبادي جو وڏو انگ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي اڳوڻن سليڪٽڊ راڄ سبب عوام مهانگائي ۽ بيروزگاري کي منهن ڏئي رهيو آهي اهڙين حالتن ۾ رياست عوام جي صحت جي حوالي سان پنهنجي ذميوارين کان غافل نه ٿي سگهي ايندڙ چونڊن ڪانپوءِ عوام پيپلز پارٽي کي مينڊيٽ ڏنو ته سڄي ملڪ ۾ عالمي معيار جو صحت جو بنيادي ڍانچو ناهينداسين اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي ۽ گمبٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ کي سڄي ملڪ ۾ ڦهلايو ويندو ته جيئن عوام کي باوقار انداز ۾ عالمي معيار جو مفت علاج ملي سگهي صحت جي عالمي ڏهاڙي تي صحت جي عالمي اداري جي موضوع "صحت سڀني لاءِ" جي توثيق ڪريان ٿو "صحت سڀني لاءِ" پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور به آهي ڪورونا وائرس جي وبا دوران خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ٻين عملي کي سلام آهي ڪورونا وائرس جي وبا دوران جانيون قربان ڪندڙ طبي عملي کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

بقايا 17

ٿيڻ بعد 283 روپيا 25 پئسا ٿي ويو آهي، ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر 284 روپيا 42 پئسا تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ مثبت رجحان ڏٺو ويو جيڪو بعد ۾ منفي ٿي ويو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 101 پوائنٽن جي گهٽتائي سان 40 هزار 249 جي سطح تي اچي ويو آهي ڪالهه 100 انڊيڪس 40,350 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 18

آهي، ڌاڙيلن مغوين جي وارثن کان سندن بازيابي لاءِ 25 لک روپيه ڀڃ طلب ڪري ورتي آهي، مغوي نوجوانن جي آزادي لاءِ وارثن پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي ڌرڻو هنيو آهي. ان موقعي تي اغوا ٿي ويل نوجوانن فرمان ميراڻي ۽ سعيد پٽي جي امڙ شاهده، ڀيڻ نادره، ماسي ناهيد ۽ اغوا ٿي ويل نوجوان سعيد پٽي جو پيءُ ذوالفقار علي، ڀيڻ انيلا، ناني مرادان ۽ چيو ته اسان جا نوجوان گذريل مهيني 10 مارچ تي هرڪجي فون تي اغوا ٿي ويا هئا، جنهن واقعي جو اطلاع حد جي وليد ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ويو، جنهن کان 12 مارچ تي ڌاڙيلن فون ڪري ٻڌايو ته اوهان جا ٻئي ڇوڪرا فرمان ميراڻي ۽ سعيد پٽي اسان وٽ ڪنڌڪوٽ واري ڪچي ۾ آهن، جن جي سر جي قيمت 25 لک روپيا ادا ڪندا ته هنن جي حياتي بچي ويندي، رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ قتل ڪري ماري ڇڏينداسون. هنن مطالبو ڪيو ته مغوين کي سهي سلامت بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا 19

جي شروعاتي رپورٽ سامهون اچي وئي آهي، جنهن ۾ قيدي تي تشدد جي تصديق ڪئي وئي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيدي جي جسم تي ظاهري طور تشدد جا 12 نشان موجود هئا، جيڪي سندس ٻنهي ٻانهن، ٻنهي ٽنگن يا چنگهن، پيٽ، ڇاتي سميت ويهڻ واري جاءِ تي ظاهري طور نظر اچي رهيا هئا. پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته تشدد سبب قيدي جي کابي ڪن جو پردو پڻ ڦاٽل هو ۽ سندس پيٽ اندر موجود رت جي هڪ رڳ پڻ ڦاٽي وئي هئي. ٻئي طرف قيدي جي جسم جي ٻين اندروني حصن ۾ موجود ٿيل نقصان بابت جاچ حاصل ڪرڻ لاءِ جزا ڪيميڪل رپورٽ لاءِ لمس ليبارٽري ڄامشورو موڪليا ويا آهن. هوڏانهن جيل اندر قيدي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ وارثن پاران هنيل ڌرڻي بعد ايس ايس پي ميرپورخاص جي حڪم تي رڳوڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي ايس ايڇ او حق نواز جوڻيجي کي معطل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته جيل عملدارن خلاف ڪنهن به قسم جي ڪابه ڪارروائي عمل ۾ ناهي آئي. هوڏانهن ميرپورخاص جي سول سوسائٽي طرفان مطالبو ڪيو ويو آهي ته جيل اندر سرڪاري ڊاڪٽر موجود هئڻ باوجود قيدي تي هيڏي تشدد بعد سندس خاموشي پڻ سواليا نشان بڻيل آهي. جڏهن ته جيل اندر قيدين تي تشدد ڪرڻ ۽ رشوت وٺڻ جي حوالي سان ٻن سپاهين توڙي ملوث ٻين عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 20

ساوند اسسٽنٽ پرفيسر IBAيونيورسٽي سکر جي قتل خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ يونٽ جي ٻين عهديدارن کان علاوه سڀني استادن پڻ احتجاج ۾ حصو ورتو پروفيسر محمد ابراهيم مهر پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته استاد هڪ معاشري جو اهم حصو هوندو آهي پروفيسر ساوند جهڙا استاد صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ان جو قتل اسان سموري معاشري جو قتل سمجهون ٿا پروفيسر ساوند جو قتل هڪ پلاننگ جي ذريعي ڪيو ويو آهي اسان چيف جسٽس سپريم ڪورٽ ،هاءِ ڪورٽ IGسنڌ ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو/اپيل ٿا ڪيون ته پروفيسر ڊاڪٽر محمد اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار ڪري کيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

بقايا 21

ڪرائڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪري اسان پنهنجي 8 مهينا اڳ رضامندي ۽ رضا خوشيءَ سان پيار جو پرڻو ڪيو هوناري جو چوڻ هو ته گذريل رات منهنجي مائٽن بيءُ علي نواز چنا يا جنيد چنا، عرس نوناري، آصف نوناري ،ڪاشف نوناري ۽ ٻين هٿياربند ماڻهن اسان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئيناري موجب اهڙي ڪوشش ناڪام ٿيڻ بعد شهباز جي پيءُ منهنجي سهري چيسر چنا کي گرفتار ڪرائي دولتپور ٿاڻي تي ان ماڻهن مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهيناري جو چوڻ هو ته هن چيو ته پيءُ ۽ ٻيا مائٽ اسان جا جاني دشمن بڻجي ويا آهن.اسان هائي ڪورٽ حيدرآباد ۾ نڪاح ڪيو آهي، منهنجي مائٽن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هو وڏا بااثر آهن اسان جان بچائڻ ۾ پورا آهيون انتظاميا اسان کي ڪوبه تحفظ نه ٿي ڏيناري مسڪان چنا آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کي اپيل ڪئي ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ته جيئن اسين سک واري زندگي گذاري سگهونهن وڌيڪ چيو ته منهنجي سهري کي ڪوڙي ڪيس مان آزاد ڪيو وڃي ۽ اسان جي جان جا ويري بڻيل منهنجي مائٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 22

پروجيڪٽ بي آر ٽي ييلولائن جي منصوبي تي بريفنگ ڏني وئي، ڪراچي اربن موبيليٽي پروجيڪٽ جي پوزيشن پيپر تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ بي آر ٽي ڪوريڊور ڪورنگي روڊ تي ايليويٽڊ سيڪشن جي تعمير جي سفارش به ڪئي وئي جڏهن ته ڪرسچن ڪالوني ۾ 11 ايڪڙ ايراضي تي 340 بسن جي بيهارڻ جي لاءِ بس ڊيپو جي تعمير جي سفارش ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته ان ڊيپو ۾ بجلي ۽ شفاف توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ شمسي توانائي جي سهولت مهيا ڪئي ويندي. اجلاس ۾ اطلاعات واري وزير هدايت ڏني ته بي آر ٽي منصوبي کي وقت تي پورو ڪرڻ لاءِ ڪم جي رفتار کي تيز ڪيو ۽ منصوبي کي مڪمل ڪرڻ ۾ مستقبل جي گهرجن جو خيال رکيو وڃي. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي حليم شيخ، ڊي آئي جي ٽريفڪ احمد نواز کان علاوه منصوبابندي ۽ ترقيات، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي ميمبر سنڌ، چيئرمين پاڪستان ڪونسل آف آرڪيٽيڪٽس اينڊ ٽائون پلانرز ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 23

قادر مگسي جو چوڻ آهي ته پروفيسر اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي، جنهن سبب سڄي سنڌ سوڳ ۾ ورتل آهي، قبيلائي تڪرار سنڌ جي لاءِ ناسور بڻجي چڪا آهن، انهن کي روڪڻ جي سخت ضرورت آهي، قبيلائي تڪرارن کي سنڌ حڪومت ۽ انتظاميا روڪڻ لاءِ سنجيده ناهي، ڊاڪٽر قادر مگسي جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، گهوٽڪي ۽ جيڪب آباد ضلعا نوگو ايريا بڻيل آهن، جتي پوليس به نٿي وڃي سگهي، هنن تڪرارن جي پويان پوتارن، سردارن ۽ جاگيردارن جو هٿ آهي، جيڪي اقتدار ۾ ويٺل آهن يا کين حڪومت جي سرپرستي حاصل آهي، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت ٽاسڪ فورس جوڙي جنهن ۾ انهن سردارن کي به شامل ڪري، کين قبيلائي تڪرار روڪڻ جو ٽاسڪ ڏنو وڃي، جيڪي سردار ۽ پوتار انهن تڪرارن جي پويان آهن انهن کي گرفتار ڪيو وڃي، ته ٻن هفتن ۾ سمورا تڪرار ختم ٿي ويندا، سنڌ ترقي پسند پارٽي چيئرمين پروفيسر اجمل ساوند جي قتل خلاف آچر جي ڏينهن سمورن ضلعن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو ته پروفيسر اجمل ساوند جا قاتل فوري طور گرفتار ڪري کين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا 24

۽ ڪاروباري بي اعتمادي کي وڌائي ڇڏيو آهي، سروي موجب پاڪستان ۾ تاريخي مهانگائي سبب صارفين جي قوت خريد ۾ گهٽتائي آئي آهي، سروي ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته 66 سيڪڙو ڪاروبار خراب يا خراب حالتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. انهن ڪاروبار جو تعداد 7 سيڪڙو وڌي رهيو آهي، گيلپ سروي موجب سنڌ ۽ خيبرپختونخواهه ۾ 70 سيڪڙو ۽ پنجاب ۾ 64 سيڪڙو ڪاروبار خراب حالتن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا 25

۾ ٿيو اجلاس ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو بقاءُ الله انڙ، سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊ مريد احمد رحيم، سيڪريٽري سيڙپڪاري ۽ ٻين شرڪتڪئي، اجلاس ۾ ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڪمشنر سکر سميت لاڳاپيلڊپٽيڪمشنرن وڊيو لنڪ ذريعي شرڪتڪئي، اجلاس ۾ حيدرآباد سکر موٽروي سميت ٻين منصوبن لاءِ زمين الاٽڪرڻ جي منظوري ڏني وئي، ڄامشورو ۾ ايم 6 موٽر وي لاءِ 103 ايڪڙ زمين، حيدرآباد ۽ مٽياري ۾ ايم 6 پراجيڪٽ لاءِ 48 ايڪڙ زمين جي منظوري ٻڌائي وئي اجلاس ۾ ٿر پارڪر ۾ ڪيمبرج اسڪول جي تعمير لاءِ 5 ايڪڙ زمين مختص ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي، ڌابيجي ۾ اسپيشل اڪنامڪ زون جي ويجهو 265 ايڪڙ زمين سيڙپڪاري کاتي لاءِ منظور ڪئي وئي ته جيئن ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون جي مستقبل ۾ توسيع ڪئي وڃي، اجلاس ۾ اقليتي معاملن واري کاتي جي لاءِ ڇورو مندر نگر پارڪرسان لاءِ 12 ايڪڙ زمين مختص ڪئي وئي،اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سمورن کاتن کي هدايت ڪئي ته منصوبا وقت تي مڪمليا وڃن هن چيو ته زمين حاصل ڪرڻ بعد سمورا ادارا پنهنجا منصوبا شروع ڪن ۽ انهن کي وقت تي مڪمل ڪيو وڃي.

بقايا 26

منظرن تي ڳڻتي آهي آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ويدانت پٽيل جو چوڻ آهي ته آمريڪي انتظاميا اسرائيل ۽ فلسطيني اختيارين سان رابطي ۾ آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ ويدانت پٽيل چيو ته اسرائيلي ۽ آمريڪي اختيارين وچ ۾ مسجد الاقصيٰ تي حملي تي ڪا خاص ڳالهه ٻولهه نه ٿي، واضح رهي ته اسرائيلي فورسز گذريل ڏينهن مسجد اقصيٰ جي احاطي ۾ نمازين تي حملا ڪيا هئا، جنهن ۾ درجنين فلسطيني زخمي ٿي پيا هئا. اسرائيلي فورسز ساڍا ٽي سئو کان وڌيڪ فلسطينين کي حراست ۾ پڻ ورتو

بقايا 27

ڏنو آهي، لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شاهد ڪريم سموگ جي خاتمي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، عيد جي موقعي تي مارڪيٽن جا وقت تبديل ڪيا ويا.ان کان اڳ عدالت رات 10 وڳي بازارون بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ هاٽي دڪان 1 وڳي تائين کولڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. عدالت تصديق ڪندي چيو ته وڻن جي ڪٽڻ کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ چيو ته آمريڪا ۾ ڪو به ماڻهو پنهنجي گهر ۾ به وڻ نه ٿو ڪٽي سگهي.

بقايا 28

بعد قتل ڪري ساڙڻ جي ڪوشش ڪرشش ڪئي وئي هئي. الزام هيٺ آيل جوابدار فياض راجپوت کي ڪراچي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهيپوليس موجب ته جوابدار ڏوهه جو اعتراف ڪيو آهي، هوڏانهن اسٽيل ٽائون پوليس ايس ايءَ پي رجب ڪوسو ٻڌايو ته مک جوابدار فياض راجپوت کي جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان گرفتار ڪيو آهي جوابدار پاران ڏوهه جو اعتراف ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 29

جا انڪشاف ٿيا آهن 12 ٿي ڇٽا ٽريننگ لاءِ ايليمنٽري ڪاليج ڀيٽا ته سندن اسڪروٽنگ واري لسٽ ۾ نالا ئي شامل نه هئا. جن کي ايليمنٽري ٽريننگ ڪاليج مان واپس ڪيو ويو آهي، جيڪي اڳوڻي ڊي او ايليمنٽري غلام سرور ٻيرجي گهر پهچي سڄو ڏينهن سندس گهر آڏو ويٺل رهيابي طرف اڳوڻي ڊي او ايليمنٽري غلام سرور ٻير پاران جاري ڪيل وڊيو بيان جنهن ۾ هن ڊي او سيڪنڊري تي ڪٽ آف ڏيڻ . انٽريو کان پوءِ جي تاريخ ۾ ڊگري پيش ڪندڙ 6 ڇٽن سميت 12 بوگس آرڊر جاري ڪرڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته جي ايس فيز ون جي اسڪروٽنگ لسٽ فائينل ٿيڻ بعد مان ڊي او ايليمنٽري ٿيو هئسمنهنجون جعلي صحيحون استعمال ڪيون آهن ۽ ڊي او سيڪنڊري بوگس آرڊر وارن کي اسڪروٽنگ لسٽ صحيح ڪري ڏيڻ لاءِ منهنجي گهر موڪليو آهي، جيڪو غلط عمل آهيا ڳوٺي ڊي او ايليمنٽري جي اهڙي وڊيو بيان بعد سيڪريٽري اسڪولز معاملي جو نوٽيس وٺندي، ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسڪولز حيدرآباد ، اڳوڻي، موجوده ڊي او سيڪنڊري، ايليمينٽري ۽ چيف مانيٽرنگ آفيسر کي 9 اپريل تي ڪراچي طلب ڪري اعليٰ سطحي جاچ شروع ڪئي وئي آهيبئي طرف ڊي او سيڪنڊري سيد محمد حسن شاهه جو چوڻ آهي ته اڳوڻو ڊي او ايليمينٽري غلط بياني پيو ڪري . مان جي ايس ٽي فيز ون جي اسڪروٽنگ لسٽ صحيح ٿيڻ جي 3 . مهينن کان ڊي او مقرر ٿيو آهيان . جاچ ۾ واضح ٿيندو ته بوگس آرڊر ڪنهن ڪيا آهن

بقايا 30

خلاف اشتعال انگيز تقرير ڪرڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويو، پوليس علي امين گنڊاپور کي ٻن مختلف ڪيسن ۾ جڊيشل ڪامپليڪس جي عدالت ۾ پيش ڪيو، جتي پنجاب پوليس ۽ اسلام آباد پوليس جوابدار جي حوالگي جي درخواست ڪئي،عدالت پڪر ۽ اسلام آباد پوليس جي درخواست رد ڪندي علي امين گنڊاپور کي 6 ڏينهن جي جڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو عدالت ڊيرا اسماعيل خان ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ خلاف داخل ٻنهي ڪيسن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو علي امين خلاف هڪ ٻيو ڪيس داخل ٿيو طرف اسلام آباد پوليس علي امين گنڊاپور خلاف دهشتگردي ۽ غداري جي دفعات تحت هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي.اسلام آباد جي گولاڙجي ٿاڻي ۾ مئجسٽريٽ قيصر نديم پاران داخل ڪرايل ڪيس ۾ علي امين ۽ سندس ساٿي اسد خان کي نامزد ڪيو ويو آهي.ايف آءِ آر ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن اسلام آباد جي سوسائٽي ۾ هٿيار ۽ نوڪر گڏ ڪرڻ جو چيو. جوابدار اڏيو ۽ چيو ته جيڪڏهن عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو ته سڄي اسلام آباد تي قبضو ڪندا.جوابدارن پوليس کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون ته جيئن هو پنهنجا فرض سرانجام نه ڏين

بقايا 31

تي صوبائي وزير محنت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني، صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار قاسم نويد قمر، عاجز ڌامراهه ۽ پاڪستان جي مختلف صوبن ۽ شهرن مان آيل پيپلز پارٽي ڊيجيٽل جي نوجوان شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙ سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پنهنجي تقريرن ۾ پي پي پي ڊجيٽل جو ڪم جي شروعات ۽ ان کي سرگرمي سان اڳتي وڌائڻ تي پي پي پي ڊجيٽل جي سربراهه شرجيل انعام ميمڻ جي خدمتن، سرگرمين ۽ فعاليت کي ساراهيو ۽ چيو ته شرجيل انعام ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پيپلز پارٽي ڊجيٽل جا سرگرم ڪارڪن پاڪستان پيپلزپارٽي جي منشور ۽ پارٽي قيادت جي ويزن کي ڊجيٽل ميڊيا تي اجاگر ڪرڻ لاءِ انتهائي مهذب انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. ان موقعي تقريب کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عام طور تي ماڻهو وڏن ماڻهن جي اعزاز ۾ دعوتون ڏيندا آهن پر اسان جي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مون کي چيو ته مان پيپلزپارٽي جي نوجوانن جي اعزاز ۾ افطار جو انتظام ڪريان ۽ پيپلزپارٽي جي ڊجيٽل ورڪرن کي خاص مهمان طور شرڪت جي دعوت ڏيان. ان ڪري اڄوڪي تقريب جا خاص مهمان هن هال ۾ موجود اسان جا سوين نوجوان ڪارڪن آهن. هن چيو ته ملڪ ۾ انتشار ۽ نفرت پکيڙيندڙ قوتن جو حوصلا شڪني لاءِ پي پي ڊي جا ڪارڪن پنهنجي موقف جو ڀرپور ۽ باوقار انداز ۾ اظهار ڪندا ۽ پ پ ڊيجيٽل جا ڪارڪن پنهنجي موقف جي اظهار وقت مخالف جي جنس ۽ عمر جو به خيال رکندا ۽ بدتميزيءَ جي جواب ۾ پنهنجي موقف کي استدلال ۽ تهذيب سان سٺن لفظن ۾ پيش ڪندا. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڊجيٽل جي تنظيم سازي ٿي رهي آهي ۽ تنظيم سازي ڪم ۽ ميرٽ جي بنياد تي ٿيندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڊجيٽل جي ڪارڪنن کي اعليٰ تربيتي موقعا پڻ فراهم ڪيا ويندا، جنهن ڪانپوءِ اهي ڪارڪن پنهنجي لاءِ باعزت ڊجيٽل روزگار حاصل ڪري سگهندا. هن چيو ته تمام جلد پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان ۽ اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي ڊجيٽل ورڪرز جا ڪنوينشن منعقد ڪيا ويندا جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ شرڪت ڪندو. تقريب جي پڄاڻي تي پ پ ڊجيٽل جي ڪارڪنن پاران ٺاهيل گيٽ جي وڊيو پڻ پيش ڪئي وئي.

بقايا 32

موجب بلوچ نيشنل آرمي پاڪستان ۾ درجنين دهشتگرد حملن جي ذميوار آهي، گلزار امام 2018 تائين بلوچ ريپبليڪن آرمي ۾ براهمداغ بگٽي جو نائب به رهيو آءِ ايس پي آر جو وڌيڪ چوڻ آهي ته گلزار امام بلوچ راجوئي آجائي سنگر جي جوڙجڪ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جو آپريشنل سربراهه به رهيو، گلزار امام جا پارٽ ۽ افغانستان جا دورا به رڪارڊ تي آهن گلزار امام کي مڪمل منصوبابندي سان هڪ ڪامياب آپريشن دوران گرفتار ڪيو ويو، سندس گرفتاري بي اين اي ۽ ٻين ويڙهاڪن گروپن لاءِ وڏو جهٽڪو آهي، گلزار امام جي ملڪ دشمن انٽيليجنس ادارن سان رابطن جي جاچ به ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 01

سيد اسدالله شاهه ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز سميت صحت کاتي جي مختلف شعبن جي ميل في ميل ڊاڪٽرن ۽ عملي ٻاران عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر شاهد علي شيخ ڊي ايچ او دادو ۽ سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميرائي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا صحت جي حوالي سان اڄ عالمي ڏينهن ملهائي رهي آهي ۽ اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ صحت کاتي جي عملي ٻاران ريليون ڪڍيون ويون آهن جنهن ۾ صحت بابت ماڻهن کي آگاهه ڪيو پيو وڃي صحت جي عالمي اداري کي ڳڻتي آهي ته جتي به صحت سهولتن جي کوٽ ۽ دوائن جي کوٽ هجي ٿي اتي اسان جو ادارو پنهنجي وس آهر مددگار ثابت ٿئي ٿو پاڪستان ترقي جو دنيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ صحت جي سهولتن بابت کوٽ جو حامل آهي ان ڪري اسان کي گهرجي ته هنن موقعن تي صحت جون سهولتون مهيا ڪرائڻ لاءِ عالمي اداري کي آگاهه ڪيون جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي صحت کاتن جي اختيارين جو تمام گهڻو عمل دخل هجڻ گهرجي ته جيئن اسان خطرناڪ بيمارين ۽ موذي مرضن جن جي پکڙجڻ سان انسانيت خطري ۾ آهي انسانن کي بچائڻ لاءِ اڃون ته گڏجي تحرڪ وٺون

بقايا سنڌيار 02

سوڍو ربباري حاجي ملاح منظو لاڪاٽيو پريم ڪرلهي والجي ڪرلهي ايوب چانڊيو ڪانسراءِ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته پوليس بنا ڏوهه جي منشيات جي جڙتو ڪيس ۾ ايس ٽي پي جي اڳواڻ عبدالستار ٻرڙو کي گرفتار ڪري چالان ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات فروش ڊيلر سرعام منشيات وڪرو ڪن پيا اتي پوليس ڪابه ڪاروائي ان ڪري نٿي ڪري جو ڪوسڪي پوليس جو هفتو بند ٿو ٿئي هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس آءِ جي سنڌ کي اپيل ڪئي ته هو نوٽيس وٺي منشات فروش جي ساٿاري پوليس اهلڪارن کي برطرف ڪري ايماندار آفيسر مقرر ڪري داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري گرفتار اڳواڻ ستار ٻرڙو کي آزاد ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 03

محمد ملاح . امجد علي ڪوسو سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي. سيتا سرجهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلويز اختيارين پاران ٽراسپورٽ مافيا جي ڳٽ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 04

ٻن سالن جو پٽ به آهي هن چيو ته هو لوڪ فنڪارا آهي شادين ۽ محفلن ۾ ڳاهيندي آهي جنهن مان گهر جو گاڏو هلندو آهي . هن چيو ته سندس مڙس منهنجي پاءِ سان ناجائز لاڳاپن جو الزام هڻي ڪينجي سان مٽي جا وار ڪوڙي لوهي سيخن سان حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو ۽ پٽ کي ۽ پيسا کسي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن جو فرياد ۾ تندو الهيار ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي ۾ پوليس اڃان تائين ڪجهه به نه ڪيو آهي . جنهن ڪري هو پنهنجي جان بچائي ماتلي ۾ پنهنجي ماءُ جي گهر پهچي پناهه ورتي آهي. عظمي آ شيخ جو چوڻ آهي ته ڪيس سندس مڙس مان جان جو خطرو آهي سندس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪري مڙس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 05

جڏهن نماز پڙهي اچي ڏٺم ته موٽرسائيڪل هئي ڪانه. ڪجهه ڏينهن اڳ سول اسپتال سجاول اڳيان به منهنجي موٽرسائيڪل چوري ٿي آهي جيڪا اڃا تائين واپس نه ٿي سگهي آهي، مجلس وحدالمسلمين ضلع سجاول جو صدر حاجي مظفرعلي لغاري چيو ته 21 رمضان المبارڪ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي شهادت جي سلسلي ۾ ڊي سي کي چيو هو ته ٽن هفتن کان سجاول ضلع جي امام بارگاهن ۾ جمع نماز ۽ اجتماع ۽ ٻين پروگرامن لاءِ سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي پران تي به اڃا تائين ڪوبه عمل نه ٿي سگهيو آهي، اڄ جمع جي ڏينهن الحسيني امام بارگاهه سجاول ۾ سيڪيورٽي نه هجڻ جي ڪري نوجوان جي موٽر سائيڪل چوري ٿي آهي اهڙي دانهن ايس ايچ او سجاول کي ڏني آهي جنهن 24 ڪلاڪن اندر موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ جي يقين ڪرائي آهي.

بقايا سنڌيار 06

لاءِ ڏنو ويو هيو ٽرڊيپ عملي پاران ٻوڏ متاثرن لاءِ مليل لکين روپين جو سامان وڪرو ٿيڻ جو پڻ انڪشاف سردي ۾ ڪم ايندڙ بسترن، ڪمبلن، سوڙين سان ڀريل ٻورا آفيس ۾ سڙڻ لڳا غريب ٻوڏ متاثر مسڪينن ۾ تقسيم نه ٿي سگهيا موجوده ٽرڊيپ آفيسرن عملي سان ملي ڀڳت ڪري، سوڙيون، ڪمبل، رضايون وڪرو ڪرڻ جو پڻ پلان تيار ڪري ورتو ٽرڊيپ آفيس ۾ پيل سموري سامان جي وڊيو ميڊيا ٽيم کي ملي وئي جڏهن ته ٻوڏ متاثر ۽ سايا ۽ وند مطالبو ڪيو ته آهي ته سخت سياري سبب ڪيترائي ٻوڏ متاثر گرم ڪپڙا نه هجڻ ڪري کلي آسمان هيٺ زندگي گذاري جنهن سبب بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا واهر نه ٿيندڙ ٻوڏ متاثرن پاران ڪمشنر حيدرآباد ،ڊپٽي ڪمشنر دادو کان نوٽس جو مطالبو

بقايا سنڌيار 07

هن پاران دادو ضلعي ۾ پوليس ڪماني جي چارج سنڀالي آهي ان ڏينهن کان دادو پوليس پاران ڏوهارين، منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون آهن انگن اکرن موجب پنجن مهينن دوران 34 پوليس مقابلا 8 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ سميت 843 روپوش ۽ اشتهاري ڏوهاري 5 اغوا ڪار ۽ 221منشيات فروش 21 جوارين کي پوليس پاران گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي ڏوهارين جي قبضي مان 5 ڪلاشنڪوف7 بندوقون 1 ريپيٽر 1 رائيفل 44 پسٽول ۽ 160 گوليون هٿ ڪيون ويون آهن ضلعي مان ڦر ۽ چوري ٿيل 45لک روپين جو سامان ۽ ڪيش پڻ هٿ ڪئي وئي آهي جڏهن ته گرفتار منشيات فروش ۽ جوارين جي قبضي مان 39 ڪلو چرس34 ڪلو ڀنگ103 شراب جو بوتلون هٿ ڪيون ويون آهن

بقايا سنڌيار 08

سمورو سامان سڙي ويو هو ۽ متاثر ڳوٺاڻن پاران سندن واهر ڪرڻ لاءِ ٿئي جي سرندي سميت ضلعي انتظاميا ۽ چونديل نمائندن ڪان سندن واهر لاءِ اپيل ڪئي وئي هئي جڏهن ته ضلعي انتظاميا ۽ چونديل نمائندن پاران اڃا تائين متاثر ڳوٺاڻن جي واهر ڪرڻ لاءِ سواءِ حاجي محمد حنيف ميمڻ جي ڪير به ناهي پهتو

بقايا سنڌيار 09

مقامي چونديل نمائندن سار نه لڌي جنهن سبب هو گذريل ٻن ڏينهن کان شهر جي ڏکڻ طرف جهنگ ۾ ٻارن ٻچن سميت کلي آسمان هيٺ سخت گرمي ۾ بي يارو مدد گار ويٺل آهن هوڙانهن مليل رپورٽ موجب وڏي وزير جي انساني حقن واري خاص صلاحڪار سريندر ولاسائي پاران واقعي متعلق ڊي سي سان رابطو ڪري مسئلو حل ڪرڻ جي درخواست ڪئي جڏهن ته ٻئي طرف مقامي انتظاميه پاران کلي آسمان هيٺ ويٺل خاندانن وٽ پهچي سيڪيورٽي ۾ ڳوٺ موڪلڻ جي آڇ ڪئي پر ظلم جي ستايل متاثرين واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو،متاثرين سان مخاطب ٿيندي اي سي اختر لاشاري چيو ته توهان کي جنهن به ماڻهو خلاف ڪا شڪايت آهي ته اچو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو اسان توهان سان گڏجي ڪاروائي ڪنداسين،ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏينداسين،باقي معصوم ٻارڙن کي نهڻ اُس کان گهر منتقل ڪيو،اسان قانوني طور توهان جي جائز مدد ڪنداسين،توهان کي پوليس جي سيڪيورٽي ۾ ڳوٺ موڪليون ٿا ۽ مڪمل تحفظ ڏنو ويندو،ڳوٺ ۾ جنهن جي خلاف شڪايت آهي پوليس وٽ درخواست ڏيو ڪاروائي ٿيندي،هيٺر جهنگ ۾ کلي آسمان هيٺ ويهڻ مناسب ڪونهي،معصوم ٻچا دربدر ٿي رهيا آهن،واپس وڃو،مڪمل تحفظ ڏينداسين جنهن تي متاثرين چيو ته ڳوٺ جي وڏيرن جي ظلمن کان تنگ ٿي هتي لڏي آيا آهيون،هاڻي مري ويندا سين پر واپس نه ويندا سين،اسان ڪيس به ڪنهن تي داخل نه ٿا ڪرائڻ چاهيون،اسين غريب آهيون،اگر ڪيس داخل ڪرايو ته وڏيرا هتي ۾ ويهڻ نه ڏيندا،اسين مسڪين غريب آهيون هتي پناهه وٺڻ چاهيون ٿا اوهان هڪ ڏينهن سيڪيورٽي ڏيندا پر ڪير تحفظ ڏيندو ڳوٺ ۾ اسان جون عزتون محفوظ ڪونهي،هن چيو ته اسان ڪان پويان وڌيڪ ميگهواڙن جا 80 گهر جنجهين جي ظلمن ڪان تنگ ٿي لڏي اچڻ چاهين ٿا،اهو به اڄ يا صبح لڏپلاڻ ڪندا،ميگهواڙن ڪانسواءِ ڪيترائي جنجهي برادري جا غريب گهراڻا به پنهنجي برادري جي ظلمن ڪان تنگ ٿي لڏڻ تي مجبور آهن جڏهن ته انتظاميه متاثرين کي ڪجهه خيما ڏنا.

بقايا سنڌيار 10

والد نور محمد پنڌرهن سال اڳ منهنجو مڱڻو غوثپور واسي شاهنواز بروهي سان ڪيو هو پر هڪ سال اڳ منهنجي مڱيندي جي روڊ حادثي ۾ هڪ جنگ ضايع ٿي ويئي ته هن مونکي لالچ ۾ اچي بشسن عيوض هڪ ٻاٿر ماڻهو سان پرڻائڻ چاهي پيو مون ان جي مخالفت ڪئي ته مونکي مارڪٽ ۽ تشدد ڪري گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيائون جنهن بعد ڪالهه مان وجهه وٺي گهران نڪري پنهنجي مڱيندي سان ڪنڌڪوٽ جي سيشن ڪورٽ ۾ ٻيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي هاڻي مونکي منهنجي خاندان وارا مارڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ منهنجي مڙس کي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائڻ چاهين ٿا جنهن لاءِ مان ايس ايس پي ڪشمور کي اپيل ڪريان ٿي ته مون کي تحفظ ڏنو وڃي جيئن مان پنهنجي زندگي خوشي سان گذاري سگهان

بقايا سنڌيار 11

ايڊووڪيٽ اصغر پهوڙ، عامر عباس سومرو،لالا شمس پٺاڻ،ايڊووڪيٽ زاهد حسين پهوڙ، ايڊووڪيٽ ظفر چنڙ، ميان ظفر علوي،ذبير سومرو،همير چانڊيو، ڪامريڊ اسد الله سومرو، راشد لاشاري، فضل الله نوراني سميت سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،ان موقعي تي اڳواڻن . ريلي ۾ سوين شهرين شرڪت ڪري ايس ايس پي هٽايو شڪارپور بچايو جا نعرا هنيا ويا، جڏهن ته ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو،ان موقعي تي احتجاجي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامني ڦرڏاڙ ۽ اغوائن کي روڪڻ ۾ شڪارپور پوليس تماشائي بڻيل آهي،شڪارپور کي ڏوهارين جي حوالي ڪري ايس ايس پي آرام ڪري رهيو آهي،احتجاج ڪندڙن چيو ته ڏوهارين خلاف ڪاروايون ڪرڻ بدران پوليس اهلڪار جوا جون تڪريون، ڪرڪيٽ بڪس،منشيات جي سرپرستي ۽ ڏاڙيلن جي مخبري ڪري رهيا آهن جن جون لسٽون پوليس ڪاتو ٻاهر تيار ڪري رهيو آهي پر ڪين ڪا وڏي سزا نه پئي ڏني وڃي،هن چيو ته ايس ايس پي شڪارپور فيضان علي سياسي آشيرواد سان عوام کي بدامني جي باهه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي جنهن جا پوليس اهلڪار به ڏوهارين کان محفوظ ناهن سو عوام جي حفاظت ڇا ڪندو،هن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي کي هٽائي شڪارپور ۾ ڪو بهادر ايس ايس پي مقرر ڪيو وڃي،ان سان گڏ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي سياسي مفادن تحت استعمال نه ڪيو وڃي عوام جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي بي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي هوڙانهن ايس ايس پي آفيس آڏو لڳل ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ ڊي ايس پي انور شيخ ڊي ايس پي شاهه جهان شاهه احتجاج ڪندڙ اڳواڻن سان ڳالهين لاءِ پهتا هن مسئلن جي حل لاءِ 15 ڏينهن اندر منشيات جا اڏا ختم ڪرڻ ڦر ٿيل سامان واپس ڪرڻ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جنهن بعد احتجاجي ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 12

خلاف سخت نعريبازي ڪئي، راند جي موقعي تي وائيس پرنسپال صفر سهتو ميڊيا جي نمائندن کي ٻڌايو ته سندن ڪرپشن سبب تعليم جو معيار تباهه ٿي ويو آهي. جڏهن ته ڪاليج ۾ شاگردن جو تعداد 13 سئو آهي پر سهولتن جي کوٽ سبب صرف 10 ڪان 15 شاگرد ڪاليج وڃي رهيا آهن جڏهن ته ارباب سومرو کي 15 هزار رپيا ماهوار پگهارون ڏنيون وڃن آهن، ارباب سومرو جا ملازم گهرن ۾ ويهي پگهارون وصول ڪري رهيا آهن. هن ڪرپشن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته محرابپور جي واحد بوائز ڊگري ڪاليج جو فنڊ پنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي. هو به ڦري ويا، انٽري امتحان جا فارم جمع ڪرائڻ ۾ ماستر مائيند هجڻ جو اعتراف ڪندي هن تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه ڪان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پرنسپال ۽ سپرنٽينڊنٽ کي معطل ڪري سندن خلاف ڊپارٽمينٽل ايڪشن ورتو وڃي ۽ شاگردن جي حاضري 100 سيڪڙو يقيني بڻائي وڃي.

بقايا سنڌيار 13

.سڪندر سومر عبدالرحيم لاکو نصير انڙ ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هن بابرڪت مهيني جا 16 ڏينهن به اسان احتجاجي ڪيمپ ۾ گذاريا شيطان جا پيروڪار قبضه مافيا هن بابرڪت مهيني ۾ اسان جي سروي زمين تي قبضو ڪري اسانکي بي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سروي زمين کي قبضه مافيا کان بچائڻ لاءِ مسلسل باويهه ڏينهن کان ڪيمپ ۾ احتجاج پيا ڪيون اسان کي ڪورٽ سڳوري ۾ سو فيصد يقين هيو ته اسان کي انصاف ضرور ملندو چو جو سروي زمين جا اصل ڪاغذات اسان وٽ موجود آهن ناظر به اسان جي زمين جي وزٽ سروي ڪري ويو آهي خدا جي در دير ضرور آهي پر اندهير ڪونهي هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اڄ کان اسان احتجاجي ڪيمپ ختم ڪريون ٿا چو جو ڪورٽ سڳوري اسان سان انصاف ڪيو ۽ اڳتي به انصاف ڪندي هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اميد ٿا ڪريون ته قبضه مافيا پيهر اسان جي سروي زمين ڏانهن نه ايندا پوليس سميت بلڊر مافيا قبضه مافيا کي ڪورٽ سڳوري طرفان منع ڪئي وئي آهي ته ڳوٺائن جي زمين تي قبضو نه ڪيو وڃي انهي ڪري اسان اڄ ڪيمپ ختم ڪيون ٿا

بقايا سنڌيار 14

پورهيت طالب بوزدار پنهنجي امڙ مائي پناڻي کي ساڻ ڪري خانپور مهر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو جوابدار ميهنگلو بوزدار، انور بوزدار ۽ خالد بوزدار منهنجو رستو روڪي مونکي تشدد جو نشانو بڻايو، هن چيو ته جاٺايل جوابدارن 2 هڪ اڳ مونکان موٽرسائيڪل موٽرسائيڪل ڦري ويا هئا. جيڪا مون 18 هزار پونگو پري واپس ڪرائي اڄ مان گهر شهر وڃي رهيو هيس ته جاٺايل جوابدارن مونکان موٽرسائيڪل ڦر ڪئي جڏهن مزاحمت تي جوابدارن مونکي سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي، متاثر شخص ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي...

بقايا سنڌيار 15

تي صدر مرتضيٰ ڪرائي، در محمد بروهي، محمد علي پنهور، رابيل ڪلهوڙو، بخش بروهي، عبدالقادر تنيو علي شير بروهي، محمد عرس ڪلهوڙو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته رٽائرڊ ٿيل ملازمن جي پينشن 8500 مان وڌائي 25000 ڪئي وڃي. E.O.B.I هيڊ آفيس ڪراچي جي 1976 واري قانون جي لاڳو ڪندي هٽرادو قانون هلائي رهيو آهي. 60 سالا مزدور لاءِ رٽائرجو 15 سال قانون مقرر ڪيو آهي، جيڪو غير قانوني عمل آهي. جڏهن ته هاءِ ڪورٽ لاهور پاران آرڊر ڪيو ويو هو ته 60 سالا مزدور جي سروس 5 کان 7 سال ڪري پراڻو قانون بحال ڪيو وڃي. جنهن تي اڄ تائين عمل نه ٿيو آهي. وڌيڪ هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، هاءِ ڪورٽ سنڌ، سي ايم سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته پينڊنگ پيل پينشن جي ڪيسن کي جلد بحال ڪري پينشن وڌائي وڃي

بقايا سنڌيار 16

ايچ او جي اڳواڻ ڊاڪٽر ذاڪر ميمڻ ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيٽر ڊاڪٽر مقبول احمد صديقي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن جاڳرتا ريلي جو مقصد علائقي جي عوام کي اهو شعور ڏيڻ آهي ته عوام تي ايرڙي مليريا ڪرونا رڏي ڪنگ جهڙين موذي مرضن ۾ وقت سر ويڪسين لڳا ڪرائين هنن چيو ته انهن بيمارين جا ورتل مريض ٻين ڪيترن ئي ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا ۽ اسان وٽ روزانو هڪ وڏو انگ اهڙن مريضن جو اچي ٿو جن کي ويڪسين لڳل نه هوندي آهي هن چيو ته آغا خان اسپتال جو ٽرينڊ ليڊيز عملو اسان وٽ وير ڪرائي ٿو جنهن مان علائقي جو عوام کي فائدو وٺڻ گهرجي هن چيو ته وير دوران ٻارڙيا ماءُ جو موت غذائي کوٽ سبب ٿئي ٿو هڪ ماءُ صحتمند هوندي ته ٻار به صحتمند ئي پئدا ٿيندو اڄ اڪثر مائرن کي ٿڃ ۾ ڪير ڪونهي جنهنجو مک ڪارڻ سندس غذا جي ڪوٽ آهي سو عوام کي هاڻي سرڪاري اسپتالن ۾ مليل سهولتن مان فائدو وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجن ٻارن کي وقت سر ٽڪا هڻائڻ ۾ لاغرضي نه ڪرڻ کپي

بقايا سنڌيار 17

نماز سندس سيتاروڌ واري درگاهه ۽ دربار لڳ مدرسه گلزار مدينه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سيد نصير احمد شاهه بخاري جا مريد ۽ عقيدتمند هزارن جي تعداد ۾ شريڪ ٿيا قمبر وارن بزرگن سيد حسين شاهه بخاري جي فرزندن جي جنازي نماز ۾ خصوصي شرڪت ڪئي سيد نصير احمد شاهه بخاري جي اوچتي لاڏاڻي تي اهلسنت جماعت سميت علائقي جي ڏک جي لهر ڇانئجي وئي مرحوم جي جامع مسجد ۽ مدرسي ۾ تدفو وڃايو ويو آهي جتي شريڪ ٿيندڙ ماڻهو عشقبار هئا

بقايا سنڌيار 18

پٽن کي جان کان مارڻ جي لاءِ فائرنگ ڪئي آهي ان هوندي پوليس ڪا ڪاروائي نه ٿي ڪري هن پريس ڪلب ۾ پنهنجي پاڙيوارن لکمير بروهي عبدالحميد ملاح معشوق جوڻيجو ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سندس پٽ اظهر ۽ مظهر جمالي ۾ منهن ماري ٿي جنهن لاءِ اسان پهل ڪندي مظهر جمالي وارن ڪا معذرت ڪئي ان هوندي هو وڏي خونريزي ڪرڻ لاءِ ماڻهو ۽ هٿيار گڏ ڪري رهيا آهن جن ۾ هڪ پوليس اهلڪار به هنن سان شامل هو جو ان وقت موجود چونڊيل ڪائونسلر علي شير جوڻيجو وچ ۾ پئي اسان کي نقصان کان بچايو اسان ٿاڻي تي رپورٽ ڏئي داخل ڪئي پر پوليس ڪو تحرڪ نه ورتو آهي هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي جانچ ڪري ڪين انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 19

جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. سچل سرمست جي درگاهه ڪنٽريٽي جي خلاف روح کي ڪوڪائيندي آهي اديب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ قائم سچل چيئر کي فنڊز گهرجن، تحقيق کي وڌائڻ لاءِ نئي سر جوڙيل ڪاميٽي ذريعي اپائن تي عملدرآمد جي گهرج آهي. ڊاڪٽر مهر خادم خيرپور 07 اپريل 2023: عظيم صوفي بزرگ حضرت عبدالوهاب المعروف سچل سرمست جي سالياني ٻه سئو ٻيون عرس مبارڪ جي مناسبت سان شاهڪار ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ رهاڻ سچل ڪامپليڪس درازه ۾ ٿي گذري جنهن جو انتظام ضلعي انتظاميه ۽ ثقافت کاتي سنڌ پاران ڪيو ويو هو ادبي ڪانفرنس جي صدارت مدد علي سنڌي ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان سچل شناس محقق پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو هيو اعزازي مهمانن ۾ پروفيسر الطاف اثيم، شوڪت اڄڻ، ڊاڪٽر فياض لطيف، مختيار ملڪ، مختيار ابڙو، اختر درگاهي، لعل بخش منگي، امر اقبال، پروفيسر حسن شيخ، ايڊيشنل سيڪريٽري ثقافت عبدالغني مهيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ثقافت سليم احمد سولنگي پڻ موجود هئا، ادبي ڪانفرنس دوران سچل ياد گار ڪاميٽي پاران "سرمست 42 ". "سچل سوينئر 32 " ثقافت کاتي پاران سچل سائين جي فارسي غزل جو اردو ترجمو "ديوان آشڪار" ۽ اطلاعات کاتي سنڌ پاران سچل سرمست جي عرس جي مناسبت سان شائع ٿيل "سچل سودو سچ جو" جي مهورت ڪرائي وئي، ادبي ڪانفرنس ۾ سچل ياد گار ڪاميٽي جي سيڪريٽري مختيار ملڪ، پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه، پروفيسر ڊاڪٽر مخمور بخاري، اي بي لاشاري، ڪاشف حسين مهيسر، غوث بخش عباسي، مهرخادم رياضت برڙو، پروفيسر ڊاڪٽر شير مهرائي حبدار جاگيرائي حزب الله سومرو، امر اقبال، ڊاڪٽر فياض لطيف، خادم عباسي ۽ ٻين پنهنجا مقالا پيش ڪيا. ادبي ڪانفرنس ۾ صوفي راڳين استاد عبدالغفور سومرو، ريشمان پروين، شريف عباسي، رخسانه سورٺ، انيته فدا، واحد لاشاري، صوفي امتياز علي فقير، شازيه ماروي، سلامت فقير، استاد فدا حسين ابڙو، هادي غمڪسار جي فقير رياض عباسي، دريا خان شنبائي، امير جان بروهي ۽ ٻين سچل جا ڪلام ڳائي ويلن کي جهومائي ڇڏيو ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪندي مدد علي سنڌي چيو ته سچل سرمست پنهنجي دور جو باغي شاعر هيو جنهن پنهنجي شاعري ۾ مذهبي شاعري ۾ مذهبي عضيت خلاف آواز بلند ڪيو چاڪاڻ ته تنهن وقت سموري برصغير ۾ مغل بادشاهي جي غلط پاليسي سبب صوفي شاعرن جهڙوڪ بلي شاهه ۽ سچل سرمست شاعري وسيلي احتجاج ڪيو ضرورت ان ڳالهه جي آهي سچل سرمست جي ڪلامن جو مقصد شايع ڪرايو وڃي ان سلسلي ۾ ثقافت کاتو هر ممڪن مدد ڪندو، ادبي ڪانفرنس جي مهمان خاص ڊاڪٽر ادل سومرو خطاب ڪندي چيو ته سچل سرمست منصوري فڪر جو پوئلڳ هو هن ان الحق جي فلسفي جي تشريح ڪئي ۽ ڪٽرپٽي خلاف عام ماڻهن کي جرئت بخشي، پروفيسر ڊاڪٽر الطاف اثيم خطاب ڪندي چيو ته سچل هڪ وڏو نالو آهي جنهن هميشه سچ جي ڳالهه ڪئي جنهن سبب هن کي سچو ڪري سڏيندا هيا سچل مذهب ڪان هٽي ڪري شاعري ڪئي هن پيار امن محبت جو پيغام ڏنو ادبي ڪانفرنس ۾ سچل ياد گار ڪاميٽي جي سيڪريٽري مختيار ملڪ سچل سرمست کي عطا ٿيل خطاب سرمست کي پنهنجي مقالي جو عنوان قرار ڏيندي پنهنجي تحقيق مطابق چيو ته سچل سرمست جي ڏاڏي اڳڪٽي ڪئي هئي ته اسانجي نسب ۾ سرمست پيدا ٿيندو ان کان علاوه سچل جو دوست محڪوم الدين شهلائي ۽ حضرت بيدل فقير پڻ حضرت سچل کي سرمست جو خطاب ڏنو مختيار ملڪ وڌيڪ چيو ته ڪانفرنس ۾ پڙهندڙ مقالن کي ايندڙ سال سرمست 43 ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ سچل يادگار ڪاميٽي سچل سرمست جي شاعري کي بابت پڻ رٽا بندي تحت ڪم ڪندي، ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر شير مهرائي سچل سائين جي مثنوي رازنامي بابت ڳالهائيندي چيو ته راز نامو سندس آخري تصنيف آهي جنهن ۾ پاڻ روحاني رازن جي اپٽار ڪئي آئين، شوڪت اڄڻ چيو ته سچل جو فڪر اڳيان رکي جديد دور جي مونجهارن جو حل تلاش ڪرڻو پوندو مختيار ابڙو چيو ته وقت اچي ويو آهي ته ڪاپي پيسٽ لکڻيو پيش ڪرڻ بجاءِ سائنسي سوچ سان موضوعتي ڳالهائجي جيئن اڄ جو نوجوان ايکهين صدي جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهي، سچل ادبي ڪانفرنس ذريعي عالمن، اديبن، محققن سچل سرمست جي مستند رسالن جي ترتيب ۽ فارسي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ تي زور پريو هنن سچل شناسي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي مالي ۽ انتظامي لحاظ سان مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار جي توجه ڇڪائي.

بقايا سنڌيار 20

ڏک ونڊيو آهي هوڙانهن عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۾ تعزيت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي ان موقعي تي خودڪشي ڪندڙ اهلڪار سيف الله شيخ ميڊيا کي ٻڌايو ته هينئر تائين ڪو به پوليس آفيسرلڙي نه آيو آهي ويتر اسان کي بيان لاءِ ايس ايس آفيس آهي ۾ گهرايو ويو آهي خبر نه آهي ته پاءِ جي خودڪشي ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ملندي يا نه پر اسين پر اميد آهيون ته انصاف ملندو ٻئي طرف شيخ اتحاد ڪراچي جي اڳواڻ خضر شيخ، عمران سخ، ممتاز شيخ اهلڪار جي تعزيتي تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ صحافين کي ٻڌايو ته هر اداري ۾ ڪرپشن عروج تي آهي ڪجهه وقت اڳ ڊاڪٽر عزيز سوير رشوت گهرڻ تي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هاڻ بار بار رشوت طلب ڪرڻ تي نوجوان پوليس اهلڪار نعمت الله شيخ زندگي جو انت آندو آهي جنهن ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ جا ماڻهو ملوث آهن اسين شفاف جي آئي ٽي جوڙڻ جو مطالبو ڪريون ٿا ته جيئن نعمت الله شيخ جي معصوم ٻچڙن کي انصاف ملي سگهي جيڪڏهن انصاف نه مليو ته سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 21

پنهنجو احتجاجي راڪ ڪيو مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو اجمل ساوند جو قتل شعور جو قتل آهي هن چيو ته قبائلي تڪرار جي آڙ ۾ اجمل کي قتل ڪيو ويو آهي اجمل جو قتل پوري تعليم جو قتل آهي هو امريڪا کي ڇڏي پنهنجي قوم جي ٻارن کي پڙهائڻ هتي موٽي آيو هو هنن مطالبو ڪيو ته اجمل جي قتل ۾ ملوث سردارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 22

هيلٿ سينٽر ٽئون ڪوٽ آندو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ضروري ڪاروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو هوڙانهن فوتي نينگري جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا سنڌيار 23

ڪمرن جي عمارت کي چٽ پٺجي نه سگهي اسڪول جا 120 معصوم ٻارڙا جن ۾ 40 کان مٿي نيائيون بنا چٽ جي اسڪولي پٽين جي چانوري هيٺ تپندڙ ڏينهن ۾ علم حاصل ڪن ٿيون اسڪول ۾ فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ به برقرار ضلعي ڪامورا ۽ اختياريون اگهور ننڊ ستل اسڪولي شاگردن ۽ هيڊ ماستر جو عمارت مڪمل ڪرڻ جو مطالبو (تفصيل مطابق) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ لشڪري چانڊيو جي اسڪولي عمارت جو هلندڙ ڪم ٺيڪيدار حميل احمد ۽ پيٽي ٺيڪيدار نور نبي ٽونيو اوچتو بند ڪري سامان کڻي غائب ٿي ويا جڏهن ته اسڪول جي ٻن ڪمرن جي پٽين جي مرمت نه ڪئي وئي پر عمارت عرصو گذري وڃڻ باوجود چٽجي نه سگهي آهي جنهن ڪري اسڪول ۾ داخل 120 ٻار سياري کان تپندڙ ڏينهن تائين پٽين جي چانوري ۾ پٽ تي ويهي پڙهائي ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسڪول ۾ اڃان تائين واش روم پاڻي جي ٽانڪي وغيره جو به اهتمام نه ٿي سگهيو آهي گذريل ڏينهن وارهه ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن محرم هادي بخش نيڪ محمد ۽ ٻين چيو ته گذريل سال ڪان اسڪول جو مرمتي ڪم بند پيل آهي مٿن روڊ تي ڳوٺ هئڻ ڪري روڊ سان گذرندڙ تعليمي ڪامورو اسڪول جي حالت ڏسي ڪنڌ ڦيري ٿا وڃن هن چيو ته اسان تعليمي اختيارين وٽ ڪيترا پيرا ويا آهيون پر انهن ڪا به مثبت موٽ نه ڏني آهي ڳوٺاڻن وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ۽ وس وارين اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته اسڪولي عمارت جو ڪم مڪمل ڪرائي سندن اولاد جون زندگيون روشن ڪيون وڃن ٻئي طرف اسڪول جي هيڊماستر مرتضي کهيري ۽ استاد رياض ٽونيو ٻڌايو ته اسڪولي عمارت نه هئڻ ڪري اسڪول جو ريڪارڊ شاگردن جو جنرل رجسٽر حاضري رجسٽر به ڳوٺاڻن وٽ رکون ٿا وس وارن کي بار بار اپيل ڪرڻ باوجود ڪو به ڪڙ نه ٿيل حاصل نه ٿيو آهيپٽي طرف ٺيڪيدارن سان فون بند هئڻ سبب رابطي ڪرڻ جون سمورين ڪوششون خبر فائيل ٿيڻ تائين بيڪار ٿي ويون

بقايا سنڌيار 24

ملڪ .ڪليم الله مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته علم جي روشني ڏيندڙ پروفيسر اجمل ساوند کي بيدردي سان قتل ڪرڻ واقعي جي مذمت ڪيون ٿا، قبيلائي تڪرار سبب قتل ٿي ويل پروفيسر اجمل ساوند جي قتل واقعي تي سڄي سنڌ سوگوار ماحول بڻيل آهي پر افسوس جو مهل تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 25

کي ڪائي رهيو آهي. هن قاتل نظام خلاف مضبوط تحريڪ هلڻ کپي. اڳواڻ ڪنڌڪوٽ ۾ بي گناهه قتل ڪيل پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لئه شهر جي شعور وند ڌرين طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن نجيب چانڊيو، عرفان منان، مجيب چانڊيو، وڪيل اياز ڪهاوڙ،جبران چنو، نياز حيدري، حميد باغي، محمود راجه، بشير لطيفي، فهيم تنيو، آصف ٽوٽائي، بهادر تنيو ۽ ٻين چيو ته قبيلائي نظام جو ڀيانڪ روپ سيني اڳيان ظاهر ظهور ٿي بيٺو آهي هن ظالم رواج جو ڪاڄ وقت بوقت لکيا پڙهيا ۽ شعور وارا ٿي رهيا آهن، جن جو ڪوئي داد ٿي نٿو ٿئي. اجمل ساوند جو قتل سمجهه ۽ عقل جو قتل آهي. قانون جي رٽ بحال نه هئڻ ڪري سنڌ اندر لکيل پڙهيل ۽ سلجهيل نوجوان موت جي منهن ۾ هليا وڃن ٿا جيڪا ڳالهه مها المئي جي آهي. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پروفيسر اجمل ساوند جو بي گناهه رهايل رت سان انصاف ٿيڻ کپي. سفاڪ قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 26

برڪت گل جڪراڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان فلسطيني مظلوم مسلمانن تي اسرائيلي فوج جي ظلمن ۽ جارحيت جو سلسلو هلندڙ آهي اقوام متحده کي فلسطين جي اندر هلندڙ مظلوم مسلمان فلسطينن جي رت نظر نٿي اچي 57 اسلامي ملڪ هئڻ ۽ 22 لک فوج هجڻ باوجود اسرائيلي غنڊا گردي کي منهن ٽوڙ جواب نٿو ڏنو وڃي هنن چيو ته اهڙي صورتحال ۾ مسلمانن کي پنهنجي صفن کي درست ڪري هڪ آواز ٿيڻ جي ضرورت آهي جماعت اسلامي پاران پوري دنيا جي اندر رهندڙ مظلوم ۽ ستم رسيده مسلمانن جي حمايت جو سلسلو جاري ۽ ساري رهندو.

بقايا سنڌيار 27

اسڪول ۾ ڪجهه نشي خور موالين کي اسڪول اندر نشو واپرائڻ تان منع ڪئي ته موالين لٺيون هٿي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، جنهن کي سخت زخمي حالت ۾ سول اسپتال سجاول آندو ويو. جنهن جي وڌيڪ نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪراچي رواتو ڪيو ويو. اهڙي افسوس ناڪ واقعي جي خلاف سجاول ۾ ضلع گستا، هاءِ اسڪول جي استادن، سيڪنڊري اسڪولن جي استادن ۽ ٻين مختلف تنظيمن جي اڳواڻن گواز ضلعو سجاول جو اڳواڻ علي گرماڻي. ب ٽ الف سجاول جو محمد عمر ميمڻ. گستا اڳواڻ خالد ڪٽي . جسقم اڳواڻ نظير لغاري، صوفي سنگت اڳواڻ سلطان ڪوسو. گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول جي استادن محمود ڪٽي،بشير سرويچ ، اسڪول حاجي بهاول خان مگسي جو لطف الله ميمڻ . چانڊيه اسڪول جو نثار احمد ميمڻ . اسڪول مدرسه سائيٽ . اسڪول مدرسه هاشميه جي هيڊ ماسترن ۽ استادن پنهنجا اسڪول ۽ تعليمي ادار بند ڪري شهر جي پٽڻ ناڪي تي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ شهرين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شريڪ استادن ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته سڄي سنڌ بدامني جي ورچڙيل آهي هاڻي تعليمي ادارن کي به ٽارگيٽ جو نشانو بنايو پيو وڃي، تعليمي اداري جي مالڪي ڪرڻ تان گورنمينٽ بوائز اسڪول سجاول جي هيڊ ماستر اعظم نثار عمراڻي نشوخور موالين کي اسڪول اندر نشو واپرائڻ تان منع ڪئي جنهن تي نشي خور موالين مجرجي قاتلاڻو حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي اسان اهڙي فرض شناس استاد سان ٿيندڙ افسوس ناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هنن ايس پي سجاول کي مطالبو ڪندي چيو ته سائين اعظم نثار عمراڻي تي قاتلاڻو حملو ڪندڙ نشي خور موالين کي فورن گرفتار ڪري مٿن ايف آر داخل ڪئي وڃي. بي صورت ۾ سجاول ضلع جا سمورا تعليمي ادار بند ڪري احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. هڪ ڪلاڪ گذرڻ بعد ڊي ايس پي سجاول ڌرڻي واري جاءِ تي پهچي مظاهرين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ جوابدار گرفتار ڪيو آهي باقي جوابدارن کي شام تائين گرفتار ڪيو ويندو ڊي ايس پي جي اهڙي يقين ڏياڻي تي مظاهرين ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا سنڌيار 28

سنڌي. جسقم آريسر جي اسلم خيرپوري . جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين نواز شاهه ٻاڏائي، حاجي انور ڪرناڻي، راول ڪرناڻي، محب ازاد لغاري، ساگر سيال، قيوم ابڙو، انور ٻڙدي، سهيل ڪلوڙ، آڪاش، جام سنگهار ڪرناڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي وحدانيت تي ڪو به وار قبول نه ڪبو. ڌارين آبادڪاري تيزي سان وڌي رهي آهي، وسيلن جي ڦرلٽ ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي. ڪوهستان ۽ ساموندي پٽي جي زمين جو وڏي پيماني تي پيلاڙ جاري آهي. ڪوهستان ۽ ساموندي پٽي ۾ بجلي پيدا ٿي رهي آهي پر ٿئي جا رهواسي ان بجلي کان محروم بڻيل آهن جيڪا بجلي فيصل آباد ۽ لاهور وڃي رهي آهي، ڊ بئي طرف ڪينجهر ڍنڍ مان هائوسنگ اسڪيمن کي پاڻي ڏنو پيو وڃي پر ٿئي جا ماڻهو پيئڻ جي پاڻي لاءِ ترسي رهيا آهن هنن چيو ته سنڌ ۾ 60 سيڪڙو پاڻي جي کوٽ آهي. هر ضلعي ۽ شهر کي ڪشمور ۽ غوثپور ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ ڏوهه وڌي رهيا آهن، نوڪرين تي ڌاڙا لڳل آهن. ملڪ رياض ۽ انور مجيد کي زمينون وڪرو ڪيون پيون وڃن، جيڪا مقامي ماڻهن سان وڏي ناانصافي آهي. هن چيو ته شهيد بشير خان قريشي ۽ شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي شهادت هڪ ئي تسلسل جو نتيجو آهي. جنهن تحت سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ هڪ منصوبابندي تحت قومپرست قيادت کي نشانو بڻايو ويو آهي. هن چيو ته شهيد شفيع محمد ڪرناٽي کي ٻ اپريل واري مهيني ۾ صرف سنڌي اڳواڻ جي ناتي ۾ شهيد ڪيو ويو آهي. ٻر افسوس جو ملڪي، قانوني ۽ عدالتي نظام ڪين انصاف ڏياري ناهي سگهيو هنن انصاف جو مطالبو ڪندي شهيدن جي قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جي گهر ڪندي ڌارين آباد ڪاري کي بنجو ڏيڻي، مهنگائي، بدامني، بيروزگاري جو خاتمو آڻي سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجا بنيادي سمورا حق ڏيڻي ڪين سکون واري زندگي گذارڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 29

ٻن سيٽن تي مقابلا ٿيندا تفصيل موجب بدين ضلع ۾ مڪاني چونڊن جي ٻي مرحلي ۾ رهجي ويل 8 سيٽن تي 18اپريل تي ٿيندڙ چونڊن جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن داخل ناميشين فارم تان هٿ کڻڻ جي ڪالهه آخري تاريخ تي 6 سيٽن تي بيٺل مختلف اميدوارن جي طرفان پنهنجي ناميشين فارم تان هٿ کڻي وڃڻ ڪان پوءِ پيپلز پارٽي جي بيٺل اميدوارن مان 6 سيٽن تي بيٺل اميدوارن کي بنان مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته ٽاؤن ڪميٽي ٽنبو باگو جي ٻن سيٽن وارڊ 5 ۽ 7 تي پي پي آزاد ۽ جي ڊي اي جي اميدوارن ۾ اليڪشن ٿينديون جنهين وارڊن تي 12`12 اميدوار آمهون سامهون بيٺل آهن جن ۾ مقابلو ٿيندو

بقايا سنڌيار 30

ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ڳوٺاڻن پاران هڪ چور نالي بشير احمد ولد عبدالحق پٺاڻ کي پوليس حوالي ڪيو ويو هو جڏهن ٻه ڄڻا نامعلوم چور ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ۽ اسڪراپ کاتي جا عملدار پاران ٻڪڙيل چورن تي ڪنهن به قسم جي ڪاروائي نه ڪرائي سگهيا. جڏهن ته ٻڪڙيل چور کي سرحد پوليس رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو. هوڙانهن رابطو ڪرڻ تي سرحد پوليس ٻڌايو ته ٻڪڙيل چور بشير احمد ولد عبدالحق پٺاڻ کي جاچ لاءِ ٻي هٿ منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ذريعن وٽان مليل جاڻ موجب ته ٻڪڙيل چور ٻاٿر هجڻ ڪري سرحد پوليس پاران ڪين ميبنا آزاد ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 31

ٿرپارڪر ۾ احتجاج جو ڏهاڙو ملهايو ويو، عالمن مسجد اقصي ۾ اسرائيلي بربريت خلاف سخت احتجاج ڪيو. احتجاج ۾ شريڪ ماڻهن سان مخاطب ٿيندي امير جماعت اسلامي ٿرپارڪر مير محمد بليدي، نايب امير جماعت اسلامي عبدالسبحان سميجو ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ۾ خطاب ڪندي چيو ته بيگناهه فلسطينين تي مسجد اقصي ۾ حملا، نمازين تي گوليون هلائي زخمي ڪري رتوڇاڻ ڪرڻ ۽ گرفتاريون ظلم جي انتها آهي انجو درندي اسرائيل کي گهري قيمت ادا ڪرڻي پوندي، وڌيڪ چيو ته اسرائيلي فورسز جون اهي زيادتيون برداشت نه ڪيون وينديون، ان ظلم خلاف عالم انسانيت کي اکيون کولي عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي وڌيڪ چيو ته انساني حقن جون تنظيمون آخر ڇو خاموش تماشائي بڻيل آهن. جمعي جي خطبن ۾ سوين مسجدن ۾ اسرائيلي ظلم خلاف او آئي سي کي ننڊ مان سجاڳ ٿي ڪردار ادا ڪرڻ ۽ بربريت جي خاتمي جو مطالبو ڪيو.

بقايا سنڌيار 32

ڦورن نوجوان کي گولي وهائي ڪڍي جنهن ڪري هو سخت زخمي ٿي پيو ڦورو واقعو ڪرڻ بعد موقعي تان فرار ٿي ويا زخمي جي سڃاڻپ زاهد پٽ مصري چانڊيو طور ٿي آهي زخمي کي سول اسپتال دادو بعد ۾ وڌيڪ اعلاج لاءِ سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 33

اعظم عمراڻي مٿان حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويو. بوائز هايرسيڪنڊري اسڪول دڙو ۽ هاءِ اسڪول پنون جي استادن ۽ شاگردن دلشاد داپو ابراهيم سومرو، رفيع رضا پٿو، منظور ڪٽي، عبدالرحيم قاضي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي هنن مطالبو ڪيو ته سجاول جي استاد اعظم عمراڻي تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري استادن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 34

لاتعلق بنيل ۽ خاص مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر حاجن زينديور هر مهيني هر يوسي جا سايا پنج لک روپيا بجيت جا هڙپائي رهيو سندس چارج سنڀالڻ کان پوءِ رولو ڪتن پاران ٻارن تي حملا ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻن جي شڪايتن بعد يوسي ڏيٿي جي ٻن ڳوٺن سيد احمد شاهه ۽ ميشان ۾ رولو ڪتا مارائڻ جو ڪم ڪرايو ائس هتان جي سياسي سماجي ڪارڪنن گهر ڪئي آهي ته ڏيٿي يوسي جي بجيت جي خرچن جي جاچ ڪري يوسي جي عوام جي ترقياتي ڪم ڏياريا وڃن.

بقايا سنڌيار 35

اسڪول ۾ ڪجهه نشي خور موالين کي اسڪول اندر نشو واپرائڻ تان منع ڪئي ته موالين لٺيون هٿي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، جنهن کي سخت زخمي حالت ۾ سول اسپتال سجاول آندو ويو. جنهن جي وڌيڪ نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪراچي رواتو ڪيو ويو. اهڙي افسوس ناڪ واقعي جي خلاف سجاول ۾ ضلع گستا، هاءِ اسڪول جي استادن، سيڪنڊري اسڪولن جي استادن ۽ ٻين مختلف تنظيمن جي اڳواڻن گواز ضلعو سجاول جو اڳواڻ علي گرماڻي. ب ٽ الف سجاول جو محمد عمر ميمڻ. گستا اڳواڻ خالد ڪٽي . جسقم اڳواڻ نظير لغاري، صوفي سنگت اڳواڻ سلطان ڪوسو. گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول جي استادن محمود ڪٽي،بشير سرويچ ، اسڪول حاجي بهاول خان مگسي جو لطف الله ميمڻ . چانڊيه اسڪول جو نثار احمد ميمڻ . اسڪول مدرسه سائيٽ . اسڪول مدرسه هاشميه جي هيڊ ماسترن ۽ استادن پنهنجا اسڪول ۽ تعليمي ادار بند ڪري شهر جي پٽڻ ناڪي تي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ شهرين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شريڪ استادن ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته سڄي سنڌ بدامني جي ورچڙيل آهي هاڻي تعليمي ادارن کي به ٽارگيٽ جو نشانو بنايو پيو وڃي، تعليمي اداري جي مالڪي ڪرڻ تان گورنمينٽ بوائز اسڪول سجاول جي هيڊ ماستر اعظم نثار عمراڻي نشوخور موالين کي اسڪول اندر نشو واپرائڻ تان منع ڪئي جنهن تي نشي خور موالين مجرجي قاتلاڻو حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي اسان اهڙي فرض شناس استاد سان ٿيندڙ افسوس ناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هنن ايس پي سجاول کي مطالبو ڪندي چيو ته سائين اعظم نثار عمراڻي تي قاتلاڻو حملو ڪندڙ نشي خور موالين کي فورن گرفتار ڪري مٿن ايف آر داخل ڪئي وڃي. بي صورت ۾ سجاول ضلع جا سمورا تعليمي ادار بند ڪري احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. هڪ ڪلاڪ گذرڻ بعد ڊي ايس پي سجاول ڌرڻي واري جاءِ تي پهچي مظاهرين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ جوابدار گرفتار ڪيو آهي باقي جوابدارن کي شام تائين گرفتار ڪيو ويندو ڊي ايس پي جي اهڙي يقين ڏياڻي تي مظاهرين ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا سنڌيار 36

جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. سچل سرمست جي درگاهه ڪنٽريٽي جي خلاف روح کي ڪوڪائيندي آهي. اديب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ قائم سچل چيئر کي فنڊز گهرجن، تحقيق کي وڌائڻ لاءِ نئي سر جوڙيل ڪاميٽي ذريعي اپائن تي عملدرآمد جي گهرج آهي. ڊاڪٽر مهر خادم خيرپور 07 اپريل 2023: عظيم صوفي بزرگ حضرت عبدالوهاب المعروف سچل سرمست جي سالياني ٻه سئو ٻيون عرس مبارڪ جي مناسبت سان شاهڪار ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ رهاڻ سچل ڪامپليڪس درازه ۾ ٿي گذري جنهن جو انتظام ضلعي انتظاميه ۽ ثقافت کاتي سنڌ پاران ڪيو ويو هو ادبي ڪانفرنس جي صدارت مدد علي سنڌي ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان سچل شناس محقق پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو هيو اعزازي مهمانن ۾ پروفيسر الطاف اثيم، شوڪت اڄڻ، ڊاڪٽر فياض لطيف، مختيار ملڪ، مختيار ابڙو، اختر درگاهي، لعل بخش منگي، امر اقبال، پروفيسر حسن شيخ، ايڊيشنل سيڪريٽري ثقافت عبدالغني مهيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ثقافت سليم احمد سولنگي پڻ موجود هئا، ادبي ڪانفرنس دوران سچل ياد گار ڪاميٽي پاران "سرمست 42 ". "سچل سوينئر 32 " ثقافت کاتي پاران سچل سائين جي فارسي غزل جو اردو ترجمو "ديوان آشڪار" ۽ اطلاعات کاتي سنڌ پاران سچل سرمست جي عرس جي مناسبت سان شائع ٿيل "سچل سودو سچ جو" جي مهورت ڪرائي وئي، ادبي ڪانفرنس ۾ سچل ياد گار ڪاميٽي جي سيڪريٽري مختيار ملڪ، پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه، پروفيسر ڊاڪٽر مخمور بخاري، اي بي لاشاري، ڪاشف حسين مهيسر، غوث بخش عباسي، مهرخادم رياضت برڙو، پروفيسر ڊاڪٽر شير مهرائي حبدار جاگيرائي حزب الله سومرو، امر اقبال، ڊاڪٽر فياض لطيف، خادم عباسي ۽ ٻين پنهنجا مقالا پيش ڪيا. ادبي ڪانفرنس ۾ صوفي راڳين استاد عبدالغفور سومرو، ريشمان پروين، شريف عباسي، رخسانه سورٺ، انيته فدا، واحد لاشاري، صوفي امتياز علي فقير، شازيه ماروي، سلامت فقير، استاد فدا حسين ابڙو، هادي غمڪسار جي فقير رياض عباسي، دريا خان شنبائي، امير جان بروهي ۽ ٻين سچل جا ڪلام ڳائي ويلن کي جهومائي ڇڏيو ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪندي مدد علي سنڌي چيو ته سچل سرمست پنهنجي دور جو باغي شاعر هيو جنهن پنهنجي شاعري ۾ مذهبي شاعري ۾ مذهبي عضيت خلاف آواز بلند ڪيو چاڪاڻ ته تنهن وقت سموري برصغير ۾ مغل بادشاهي جي غلط پاليسي سبب صوفي شاعرن جهڙوڪ بلي شاهه ۽ سچل سرمست شاعري وسيلي احتجاج ڪيو ضرورت ان ڳالهه جي آهي سچل سرمست جي ڪلامن جو مقصد شايع ڪرايو وڃي ان سلسلي ۾ ثقافت کاتو هر ممڪن مدد ڪندو، ادبي ڪانفرنس جي مهمان خاص ڊاڪٽر ادل سومرو خطاب ڪندي چيو ته سچل سرمست منصوري فڪر جو پوئلڳ هو هن ان الحق جي فلسفي جي تشريح ڪئي ۽ ڪٽرپٽي خلاف عام ماڻهن کي جرئت بخشي، پروفيسر ڊاڪٽر الطاف اثيم خطاب ڪندي چيو ته سچل هڪ وڏو نالو آهي جنهن هميشه سچ جي ڳالهه ڪئي جنهن سبب هن کي سچو ڪري سڏيندا هيا سچل مذهب ڪان هٽي ڪري شاعري ڪئي هن پيار امن محبت جو پيغام ڏنو ادبي ڪانفرنس ۾ سچل ياد گار ڪاميٽي جي سيڪريٽري مختيار ملڪ سچل سرمست کي عطا ٿيل خطاب سرمست کي پنهنجي مقالي جو عنوان قرار ڏيندي پنهنجي تحقيق مطابق چيو ته سچل سرمست جي ڏاڏي اڳڪٽي ڪئي هئي ته اسانجي نسب ۾ سرمست پيدا ٿيندو ان کان علاوه سچل جو دوست محڪوم الدين شهلائي ۽ حضرت بيدل فقير پڻ حضرت سچل کي سرمست جو خطاب ڏنو مختيار ملڪ وڌيڪ چيو ته ڪانفرنس ۾ پڙهندڙ مقالن کي ايندڙ سال سرمست 43 ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ سچل يادگار ڪاميٽي سچل سرمست جي شاعري کي بابت پڻ رٽا بندي تحت ڪم ڪندي، ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر شير مهرائي سچل سائين جي مثنوي رازنامي بابت ڳالهائيندي چيو ته راز نامو سندس آخري تصنيف آهي جنهن ۾ پاڻ روحاني رازن جي اپٽار ڪئي آئين، شوڪت اڄڻ چيو ته سچل جو فڪر اڳيان رکي جديد دور جي مونجهارن جو حل تلاش ڪرڻو پوندو مختيار ابڙو چيو ته وقت اچي ويو آهي ته ڪاپي پيسٽ لکڻيو پيش ڪرڻ بجاءِ سائنسي سوچ سان موضوعتي ڳالهائجي جيئن اڄ جو نوجوان ايکهين صدي جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهي، سچل ادبي ڪانفرنس ذريعي عالمن، اديبن، محققن سچل سرمست جي مستند رسالن جي ترتيب ۽ فارسي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ تي زور پريو هنن سچل شناسي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي مالي ۽ انتظامي لحاظ سان مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار جي توجه ڇڪائي.

بقايا سنڌيار 37

ڪمرن جي عمارت کي چٽ پٺجي نه سگهي اسڪول جا 120 معصوم ٻارڙا جن ۾ 40 کان مٿي نيائيون بنا چٽ جي اسڪولي پٽين جي چانوري هيٺ تپندڙ ڏينهن ۾ علم حاصل ڪن ٿيون اسڪول ۾ فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ به برقرار ضلعي ڪامورا ۽ اختياريون اگهور ننڊ ستل اسڪولي شاگردن ۽ هيڊ ماستر جو عمارت مڪمل ڪرڻ جو مطالبو (تفصيل مطابق) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ لشڪري چانڊيو جي اسڪولي عمارت جو هلندڙ ڪم ٺيڪيدار حميل احمد ۽ پيٽي ٺيڪيدار نور نبي ٽونيو اوچتو بند ڪري سامان کڻي غائب ٿي ويا جڏهن ته اسڪول جي ٻن ڪمرن جي پٽين جي مرمت نه ڪئي وئي پر عمارت عرصو گذري وڃڻ باوجود چٽجي نه سگهي آهي جنهن ڪري اسڪول ۾ داخل 120 ٻار سياري کان تپندڙ ڏينهن تائين پٽين جي چانوري ۾ پٽ تي ويهي پڙهائي ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسڪول ۾ اڃان تائين واش روم پاڻي جي ٽانڪي وغيره جو به اهتمام نه ٿي سگهيو آهي گذريل ڏينهن وارهه ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن محرم هادي بخش نيڪ محمد ۽ ٻين چيو ته گذريل سال ڪان اسڪول جو مرمتي ڪم بند پيل آهي مٿن روڊ تي ڳوٺ هئڻ ڪري روڊ سان گذرندڙ تعليمي ڪامورو اسڪول جي حالت ڏسي ڪنڌ ڦيري ٿا وڃن هن چيو ته اسان تعليمي اختيارين وٽ ڪيترا پيرا ويا آهيون پر انهن ڪا به مثبت موٽ نه ڏني آهي ڳوٺاڻن وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ۽ وس وارين اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته اسڪولي عمارت جو ڪم مڪمل ڪرائي سندن اولاد جون زندگيون روشن ڪيون وڃن ٻئي طرف اسڪول جي هيڊماستر مرتضي کهيري ۽ استاد رياض ٽونيو ٻڌايو ته اسڪولي عمارت نه هئڻ ڪري اسڪول جو ريڪارڊ شاگردن جو جنرل رجسٽر حاضري رجسٽر به ڳوٺاڻن وٽ رکون ٿا وس وارن کي بار بار اپيل ڪرڻ باوجود ڪو به ڪڙ نه ٿيل حاصل نه ٿيو آهيپٽي طرف ٺيڪيدارن سان فون بند هئڻ سبب رابطي ڪرڻ جون سمورين ڪوششون خبر فائيل ٿيڻ تائين بيڪار ٿي ويون

بقايا سنڌيار 38

ڏک ونڊيو آهي هوڙانهن عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۾ تعزيت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي ان موقعي تي خودڪشي ڪندڙ اهلڪار سيف الله شيخ ميڊيا کي ٻڌايو ته هينئر تائين ڪو به پوليس آفيسرلڙي نه آيو آهي ويتر اسان کي بيان لاءِ ايس ايس آفيس آهي ۾ گهرايو ويو آهي خبر نه آهي ته پاءِ جي خودڪشي ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ملندي يا نه پر اسين پر اميد آهيون ته انصاف ملندو ٻئي طرف شيخ اتحاد ڪراچي جي اڳواڻ خضر شيخ، عمران سخ، ممتاز شيخ اهلڪار جي تعزيتي تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ صحافين کي ٻڌايو ته هر اداري ۾ ڪرپشن عروج تي آهي ڪجهه وقت اڳ ڊاڪٽر عزيز سوير رشوت گهرڻ تي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هاڻ بار بار رشوت طلب ڪرڻ تي نوجوان پوليس اهلڪار نعمت الله شيخ زندگي جو انت آندو آهي جنهن ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ جا ماڻهو ملوث آهن اسين شفاف جي آئي ٽي جوڙڻ جو مطالبو ڪريون ٿا ته جيئن نعمت الله شيخ جي معصوم ٻچڙن کي انصاف ملي سگهي جيڪڏهن انصاف نه مليو ته سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 39

.سڪندر سومر عبدالرحيم لاکو نصير انڙ ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هن بابرڪت مهيني جا 16 ڏينهن به اسان احتجاجي ڪيمپ ۾ گذاريا شيطان جا پيروڪار قبضه مافيا هن بابرڪت مهيني ۾ اسان جي سروي زمين تي قبضو ڪري اسانکي بي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سروي زمين کي قبضه مافيا کان بچائڻ لاءِ مسلسل باويهه ڏينهن کان ڪيمپ ۾ احتجاج پيا ڪيون اسان کي ڪورٽ سڳوري ۾ سو فيصد يقين هيو ته اسان کي انصاف ضرور ملندو چو جو سروي زمين جا اصل ڪاغذات اسان وٽ موجود آهن ناظر به اسان جي زمين جي وزٽ سروي ڪري ويو آهي خدا جي در دير ضرور آهي پر اندهير ڪونهي هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اڄ کان اسان احتجاجي ڪيمپ ختم ڪريون ٿا چوجو ڪورٽ سڳوري اسان سان انصاف ڪيو ۽ اڳتي به انصاف ڪندي هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اميد ٿا ڪريون ته قبضه مافيا پيهر اسان جي سروي زمين ڏانهن نه ايندا پوليس سميت بلڊر مافيا قبضه مافيا کي ڪورٽ سڳوري طرفان منع ڪئي وئي آهي ته ڳوٺائن جي زمين تي قبضو نه ڪيو وڃي انهي ڪري اسان اڄ ڪيمپ ختم ڪيون ٿا

بقايا سنڌيار 40

ڪمرن جي عمارت کي چٽ پٺجي نه سگهي اسڪول جا 120 معصوم ٻارڙا جن ۾ 40 کان مٿي نيائيون بنا چٽ جي اسڪولي پٽين جي چانوري هيٺ تپندڙ ڏينهن ۾ علم حاصل ڪن ٿيون اسڪول ۾ فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ به برقرار ضلعي ڪامورا ۽ اختياريون اگهور ننڊ ستل اسڪولي شاگردن ۽ هيڊ ماستر جو عمارت مڪمل ڪرڻ جو مطالبو (تفصيل مطابق) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ لشڪري چانڊيو جي اسڪولي عمارت جو هلندڙ ڪم ٺيڪيدار حميل احمد ۽ پيٽي ٺيڪيدار نور نبي ٽونيو اوچتو بند ڪري سامان کڻي غائب ٿي ويا جڏهن ته اسڪول جي ٻن ڪمرن جي پٽين جي مرمت نه ڪئي وئي پر عمارت عرصو گذري وڃڻ باوجود چٽجي نه سگهي آهي جنهن ڪري اسڪول ۾ داخل 120 ٻار سياري کان تپندڙ ڏينهن تائين پٽين جي چانوري ۾ پٽ تي ويهي پڙهائي ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسڪول ۾ اڃان تائين واش روم پاڻي جي ٽانڪي وغيره جو به اهتمام نه ٿي سگهيو آهي گذريل ڏينهن وارهه ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن محرم هادي بخش نيڪ محمد ۽ ٻين چيو ته گذريل سال ڪان اسڪول جو مرمتي ڪم بند پيل آهي مٿن روڊ تي ڳوٺ هئڻ ڪري روڊ سان گذرندڙ تعليمي ڪامورو اسڪول جي حالت ڏسي ڪنڌ ڦيري ٿا وڃن هن چيو ته اسان تعليمي اختيارين وٽ ڪيترا پيرا ويا آهيون پر انهن ڪا به مثبت موٽ نه ڏني آهي ڳوٺاڻن وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ۽ وس وارين اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته اسڪولي عمارت جو ڪم مڪمل ڪرائي سندن اولاد جون زندگيون روشن ڪيون وڃن ٻئي طرف اسڪول جي هيڊماستر مرتضي کهيري ۽ استاد رياض ٽونيو ٻڌايو ته اسڪولي عمارت نه هئڻ ڪري اسڪول جو ريڪارڊ شاگردن جو جنرل رجسٽر حاضري رجسٽر به ڳوٺاڻن وٽ رکون ٿا وس وارن کي بار بار اپيل ڪرڻ باوجود ڪو به ڪڙ نه ٿيل حاصل نه ٿيو آهيپٽي طرف ٺيڪيدارن سان فون بند هئڻ سبب رابطي ڪرڻ جون سمورين ڪوششون خبر فائيل ٿيڻ تائين بيڪار ٿي ويون

بقايا سنڌيار 41

سيد اسدالله شاهه ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز سميت صحت کاتي جي مختلف شعبن جي ميل في ميل ڊاڪٽرن ۽ عملي ٻاران عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر شاهد علي شيخ ڊي ايچ او دادو ۽ سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميرائي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا صحت جي حوالي سان اڄ عالمي ڏينهن ملهائي رهي آهي ۽ اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ صحت کاتي جي عملي ٻاران ريليون ڪڍيون ويون آهن جنهن ۾ صحت بابت ماڻهن کي آگاهه ڪيو پيو وڃي صحت جي عالمي اداري کي ڳڻتي آهي ته جتي به صحت سهولتن جي کوٽ ۽ دوائن جي کوٽ هجي ٿي اتي اسان جو ادارو پنهنجي وس آهر مددگار ثابت ٿئي ٿو پاڪستان ترقي جو دنيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ صحت جي سهولتن بابت کوٽ جو حامل آهي ان ڪري اسان کي گهرجي ته هنن موقعن تي صحت جون سهولتون مهيا ڪرائڻ لاءِ عالمي اداري کي آگاهه ڪيون جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي صحت کاتن جي اختيارين جو تمام گهڻو عمل دخل هجڻ گهرجي ته جيئن اسان خطرناڪ بيمارين ۽ موذي مرضن جن جي پکڙجڻ سان انسانيت خطري ۾ آهي انسانن کي بچائڻ لاءِ اڃون ته گڏجي تحرڪ وٺون

بقايا سنڌيار 42

مقامي چونديل نمائندن سار نه لڌي جنهن سبب هو گذريل ٻن ڏينهن کان شهر جي ڏکڻ طرف جهنگ ۾ ٻارن ٻچن سميت کلي آسمان هيٺ سخت گرمي ۾ بي يارو مدد گار ويٺل آهن هوڙانهن مليل رپورٽ موجب وڏي وزير جي انساني حقن واري خاص صلاحڪار سريندر ولاسائي پاران واقعي متعلق ڊي سي سان رابطو ڪري مسئلو حل ڪرڻ جي درخواست ڪئي جڏهن ته ٻئي طرف مقامي انتظاميه پاران کلي آسمان هيٺ ويٺل خاندانن وٽ پهچي سيڪيورٽي ۾ ڳوٺ موڪلڻ جي آڇ ڪئي پر ظلم جي ستايل متاثرين واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو،متاثرين سان مخاطب ٿيندي اي سي اختر لاشاري چيو ته توهان کي جنهن به ماڻهو خلاف ڪا شڪايت آهي ته اچو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو اسان توهان سان گڏجي [illegible]

بقايا سنڌيار 43

ايڊووڪيٽ اصغر پهوڙ، عامر عباس سومرو،لالا شمس پٺاڻ،ايڊووڪيٽ زاهد حسين پهوڙ، [illegible]

بقايا سنڌيار 44

جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. سچل سرمست جي درگاهه ڪنٽريٽي جي خلاف روح کي ڪوڪائيندي آهي اديب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ قائم سچل چيئر کي فنڊز [illegible]

بقايا سنڌيار 45

اسڪول ۾ ڪجهه نشي خور موالين کي اسڪول اندر نشو واپرائڻ تان منع ڪئي ته موالين لٺيون هٿي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، [illegible]

بقايا سنڌيار 46

ڏک ونڊيو آهي هوڙانهن عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۾ تعزيت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي [illegible] جيڪڏهن انصاف نه مليو ته سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو